روزاني عوامي سوچ كراچي

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL_

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه

جلد 16 | جمعو 04 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 21 ربيع الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 323

وزيراعظم شهباز شريف ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ قائم كرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

وزيراعظم جي صدارت هيٺ واپار ۾ سهولتن جي فراهمي بابت اهم اجلاس ٿيو، جنهن ۾ لاڳاپيل وفاقي وزيرن، وزيراعظم جي صلاحكارن ۽ اعليٰ سركاري عملدارن شركت كئي

اجلاس كي بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته مجوزه ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ واپار جي مكمل سپلاءِ چين ۾ بهتري آڻڻ ۽ سرحد پار واپار سان لاڳاپيل نان ٽيرف معاملن بابت اهم فيصلا كندو

وزيراعظم ملك جي بندرگاهن جي كاركردگي ۽ استعداد ۾ بهتري آڻڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي كم كرڻ ۽ مختلف وركنگ گروپ قائم كرڻ جي هدايت كئي

وركنگ گروپ بندرگاهن جي كاركردگي بهتر بڻائڻ، لاڳاپيل ادارن وچ ۾ هم آهنگي وڌائڻ، ريگوليٽري فريم ورك تي عملدرآمد ۽ واپاري عمل كي وڌيك آسان بڻائڻ لاءِ كم كندا

وزيراعظم درآمد كندڙن ۽ برآمد كندڙن لاءِ بندرگاهن تي مال جي ترسيل، كليئرنس ۽ ٻين معاملن ۾ وڌ كان وڌ سهولتون فراهم كرڻ جي پڻ هدايت

جاري سڌارن تحت پورٽ چارجز ۾ گهٽتائي كئي وئي آهي، جنهن كانپوءِ بندرگاهن جي استعمال ۾ نمايان بهتري آئي آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف واپار ۾ سهولتن جي فراهمي ۽ ملك ۾ واپاري سرگرمين كي وڌيك بهتر بڻائڻ لاءِ ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ قائم كرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، جنهن جي صدارت وزيراعظم پاڻ كندو. وزيراعظم جي صدارت هيٺ واپار ۾ سهولتن جي فراهمي بابت اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ لاڳاپيل وفاقي وزيرن، وزيراعظم جي صلاحكارن ۽ اعليٰ سركاري عم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

صوبو ٽوڙڻ ۽ نوان صوبا ٺاهڻ جون كوششون رد، ٺهراءُ منظور

پاكستان كي بندرگاهه ۽ لنگهه ڏيندڙ سنڌ كي ٽوڙڻ جي ڳالهه به سهپ كان ٻاهر هوندي، ايم كيو ۾ ۽ پي ٽي آئي ميمبر 'بغل ۾ ڇري، منهن تي رام رام' واري نيتيءَ تي هلي رهيا آهن. ٻپ وڇان ايوان مان پڄي ويا، مراد علي شاهه

مصطفيٰ كمال جو 'ايڊمنسٽريٽو يونٽس' وارو فارمولو پڌرو ڏوكو آهي، پاكستان كي چوسيندڙ كرب پٽي ويهي نون صوبن جا فيصلا كري رهيا آهن. مراد علي شاهه

ايڊجرنمينٽ موشن پيش كندي پهرين ڏينهن ئي چيو هو ته مقصد اهو آهي ته اصل ڳالهه كلي سامهون اچي. هن بحث جو مقصد اهو هو ته سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي كير جو كير ۽ پاڻي جو پاڻي ٿي وڃي. نثار احمد كهڙو

سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ كنهن به قسم جي ڦيرڦار يا ٽكرا كرڻ كنهن به صورت ۾ قبول ڻ جوڳو ناهي. تحريكِ التوا ۽ پيپلز پارٽي جو بيانيو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اسپيكر جا ٿورا مڃيا

هيءَ تحريكِ التوا نثار كهڙو صاحب اسيمبلي ۾ كٺي آيو هو. هن چيو ته كجهه ماڻهن جو خيال هو ته هيءَ تحريك نه اچڻ گهرجي ها ۽ سڌوسنئون ٺهراءُ آڻڻ گهرجي ها

پاكستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ اسان جي پارلياماني پارٽي اهو فيصلو كيو ته اسان سنڌ جي حقن ۽ سلامتي جي ان اهم معاملي تي هن آئيني فورم جي اندر تفصيلي بحث كرڻ چاهيون ٿا

كراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي هك وڏي ۽ تاريخي اجلاس ۾ صوبي جي ورهاست ۽ نون صوبن يا انتظامي اكائين جي قيام جون سيئي ٻاهريون كوششون گڏيل طور تي رد كندي هك تاريخي ٺهراءُ منظور كيو ويو آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ايوان ۾ اپوزيشن پارٽين جي موقف ۽ ٻهروپي نيتيءَ تي سخت كاوڙ جو اظهار كندي پڌرو كيو آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ كنهن به قسم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

بلاول ڀٽو زرداري جو دراندازي جي كوشش ناكام بڻائڻ تي سيكيورٽي فورسز كي خراج تحسين

اسلام آباد (بيورو) پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو پاك افغان سرحد تي دهشتگردن جي گهڙ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

پاكستان ملكي تاريخ جو سڀ كان وڏو بين الاقوامي يورو بانڊ جاري

كراچي (رپورٽر) پاكستان ملكي تاريخ جو سڀ كان وڏو بين الاقوامي يورو بانڊ جاري كند/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت كندي

عوام بي فكر رهن، سنڌن چونڊيل نمائندا سنڌ جي مفادن تي كڏهن به سوديبازي نه كندا :شرجيل ميمڻ

ايوان ۾ نثار احمد كهڙي پاران پيش كيل التوا واري رٿ تي بحث ٿي رهيو آهي، جيكا هك اهم معاملي سان لاڳاپيل آهي

مخالف ڌر جي بينچن سان تعلق ركندڙ سمورن ميمبرن جون تقريرون ۽ سنڌن موقف شامل كيا ويندا، ته جيئن تاريخ كي مسخ ٿيڻ كان بچائي سگهجي

ايوان ۾ اڳ بيان كيل تاريخ ۽ ماضي جي واقعن كي ڀيهر ورجائڻ نٿا چاهيون. كيترن مقررين سنڌ جي تاريخ، ماضي ۽ موجوده حالتن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه كري چكا آهن

كراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

كراچي كان كشمور تائين سڄي سنڌ ۾ كامياب شٽر ڊائون هڙتال

جماعت اسلامي جي سڏ تي سنڌ سميت ملك جي مختلف شهرن ۾ شٽربند هڙتال كئي وئي

لاهور، جيكب آباد، حيدرآباد، بدين، مٽياري، ٽنڊو ٺٽو مٺي، كنڊكوٽ ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ هڙتال دوران مختلف علائقن ۾ احتجاج كيو ويو

كراچي (رپورٽر) مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جي سڏ تي مختلف شهرن ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان ۽ وفاقي حكومت جو وفد گڏيل پريس كانفرنس كندي

پاك افغان سرحد پرسان دهشتگردن جي ملك ۾ داخل ٿيڻ جي كوشش ناكام، 15 دهشتگرد مارجي ويا

فتنه الخوارج جي دهشتگردن پاك افغان سرحد ويجهو ملك ۾ داخل ٿيڻ جي كوشش كئي

فتنه الخوارج جي دهشتگردن خلاف كارروائي 36 كلاكن تائين جاري رهي، مارجي ويل خارجين وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ كيو ويو

افغان سرزمين استعمال كرڻ كان روكڻ، اثرائتو سرحدي انتظام يقيني بڻائڻ ۽ پنهنجي عالمي ذميوارين كي پورو كرڻ ۾ ناكام رهي آهي

راولپنڊي (م د) سيكيورٽي فورسز پاك افغان سرحد ويجهو دهشتگردن جي ملك ۾ داخل ٿيڻ جي كوشش ناكام بڻائيندي پارٽي حمايته يافته 15 دهشتگردن كي جهنم پهچائي ڇڏيو پاك فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

سنڌ حكومت پاران ايندڙ ربيع سيزن ۾ آبادگارن كي ڊي اي پي ڀاڻ جي متوقع قيمت ۾ واڌ كان رليف ڏيڻ لاءِ اهم منصوبا

سنڌ حكومت پاران ربيع سيزن 2026_27 دوران آبادگارن كي ڊي اي پي ڀاڻ تي سبسڊي ڏيڻ بابت تجويزن تي غور جاري

سنڌ كابينا جي زراعت بابت ذيلي كميٽي جو ٻيو اهم اجلاس سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش خان مهر جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو

سيكريٽري زراعت محمد زمان ناريجو، روينيو كاتي، سنڌ بئنك ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شركت كئي

كراچي (رپورٽر) سنڌ حكومت پاران ربيع سيزن 2026_27 دوران آبادگارن كي ڊي اي پي ڀاڻ تي سبسڊي ڏيڻ بابت تجويزن تي غور جاري آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ كابينا جي زراعت بابت ذيلي كميٽي جو ٻيو اهم اجلاس سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش خان مهر جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ صوبائي وزيرن جام خان شورو، سيد ذوالفقار علي شاهه، مخدو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ ۾ هك ئي حكومت هوندي، انهي كان سواءِ ٻئي كا به ڳالهه نٿي ٿي سگهي: سعيد غني

ايم كيو ايم هن وقت ٻڌرجو شكار آهي، جماعت اسلامي هن شهر ۾ نئين ايم كيو ايم بنجڻ جي كوشش كري رهي آهي

سنڌ اسيمبلي ۾ تحريك التوا كان پوءِ جيكا قرارداد ايندي انهي جي نتيجي ۾ جيكو انهي جي حق ۾ جيكو انهي جي مخالفت ۾ ووٽ ڏيندو

عوام جي سامهون ظاهر ٿي ويندو، كيترائي چهرا بي نقاب ٿيندا ۽ كيترين ئي سياسي پارٽين جو سنڌ مان سياست جو خاتمو به ٿي ويندو

ٻڌي وٺو ته سنڌ صوبي ۾ هك ئي وڏو وزير، هك ئي گورنر، هك ئي اسيمبلي ۽ هك ئي كابينه هوندي انهي كان سواءِ ٻئي كا به ڳالهه نٿي ٿي سگهي

كراچي (رپورٽر) سنڌ جي پورهئي ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته سنڌ ۾ هك ئي حكومت هوندي. انهي كان سواءِ كا به ٻئي ڳالهه نٿي ٿي سگهي. سنڌ اسيمبلي جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون كندي سعيد غني /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

كراچي: صوبائي وزير سعيد غني ميڊيا سان ڳالهائيندي

كسٽم هائوس كراچي جي اسٽور روم مان كسٽمز كاتي جا 20 نوان كمپيوٽر سيٽ غائب ٿيڻ جو انكشاف

كراچي (رپورٽر) كسٽم هائوس كراچي جي اسٽور روم مان كسٽمز كاتي جا 20 نوان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

لنڊ برادري ۾ پراڻي تكرار تان هٿياربندن جي فائرنگ، هك ڄڻو قتل، هك زخمي

خانپورمهر (رپورٽر) خانپورمهر پرسان ڳوٺ سومر موري لڳ لنڊ برادري جي هلندڙ پراڻي تكرا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

كراچي ۾ دهلي گورنمنٽ بوائز اسكول جي بندش جو چوٿون ڏينهن، شاگردن روڊ تي اسيمبلي لڳائي ڇڏي

كراچي (رپورٽر) اسكول جي بندش جي چوٿين ڏينهن وڏي تعداد ۾ شاگرد، والدين ۽ استا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

سيبس يونيورسٽي ڄامشورو ۾ اكيڊمك كائونسل جو ٽيون اجلاس

نصاب ۾ سڌارن ۽ نون ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامن جي منظوري

آركيٽيكٽ عرفان بروهي ۽ چندر كمار پڻ پنهنجن لاڳاپيل شعبن بابت تفصيل ڏنا

ڄامشورو (رپورٽر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو جي اكيڊمك كائونسل جو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي پنجن ڏينهن جي دوري تي سنڌ پهچي ويو، كمون شهيد تي شاندار استقبال

سنڌ جا ماڻهو تبديلي لاءِ تيار آهن، 27 سيپٽمبر تي سڄو پاكستان روڊن تي هوندو: سهيل آفريدي

سهيل آفريدي رحيم يار خان ايئرپورٽ كان ريلي جي صورت ۾ سنڌ_پنجاب سرحد كمون شهيد پهتو

جتي پي ٽي آءِ كاركنن ۽ شهرين پاران سندس شاندار استقبال كيو ويو كمون شهيد تي شركت كندڙن كي خطاب

گهوٽكي (رپورٽر) وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي پنجن ڏينهن جي دوري تي سنڌ پهچي ويو، پي ٽي آءِ جي سيكريٽري جنرل بيرسٽر سلمان اكرم راجا، ايم اين اي مخدوم زاده زين حسين قريشي، پي ٽي آءِ خيبرپختونخوا جي [illegible]/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

كراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي كي خطاب كندي

قومي اسيمبلي جي گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ كميٽي جو اجلاس

جنهن ۾ پاكستان ٽيلي كميونيكيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) جي چيئرمين اهم انكشاف كيو

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ كميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ پاكستان ٽيلي كميونيكيشن اٿارٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سنڌ حكومت طرفان لاڙكاڻي ۾ 600 بسترن واري جديد اسپتال، جلد مكمل كرڻ جو هدف مقرر

لاڙكاڻي ۾ 600 بسترن تي ٻڌل جديد اسپتال جي تعميراتي منصوبي كي مقرر مدي اندر مكمل كرڻ لاءِ سنڌ حكومت سرگرميون تيز كري ڇڏيون

اسپتال منصوبي جي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ منصوبي كي جولاءِ 2028ع تائين مكمل كرڻ جو هدف مقرر كيو ويو

اجلاس ۾ وڏي وزير اسپتال جي تعميراتي كم جي رفتار، معيار ۽ منصوبي ۾ حائل انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل ادارن كي هدايت كئي

كراچي (رپورٽر) لاڙكاڻي ۾ 600 بسترن تي ٻڌل جديد اسپتال جي تعميراتي منصوبي كي مقرر مدي اندر مكمل كرڻ لاءِ سنڌ حكومت سرگرميون تيز كري ڇڏيون آهن. اسپتال منصوبي جي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ منصوبي كي جولاءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر38

كراچي: صوبائي وزير محمد بخش مهر اجلاس جي صدارت كندي

ايران كان پري رهڻ" جي آمريكي اپيل رد، تهران دوست ۽ پائيدار آهي: روس

آمريكي ناٽي واري وزير تازو چيو هو ته "اسان ايران تي غير معمولي پابنديون لاڳو كري رهيا آهيون

هن تكرار كي ختم كرڻ جو تيز ترين طريقو اهو آهي ته كو به ايراني حكومت جي مدد نه كري

ماسكو (م د) روس آمريكي ناٽي واري وزير اسكاٽ بيسنٽ طرفان ٻين ملكن كي ايران جي حمايت ختم كرڻ ۽ ان كان دوري اختيار كرڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

پارٽي عدالتن مان انصاف جي اميد ناهي"، ياسين ملك جو كيس وڙهڻ كان انكار

ياسين ملك سرينگر جي عدالت ۾ 25 صفحن تي ٻڌل حلف نامو جمع كرائي ڇڏيو

جنهن ۾ ياسين ملك جا 24 آگسٽ تي ڏنل لكت وارا بيان به شاهدين جو حصو قرار ڏنا ويا

سرينگر (م د) پارٽي قيد ۾ موجود كشميري اڳواڻ ياسين ملك پارٽي عدالتن تي بي اعتمادي جو اظهار كندي پنهنجو كيس وڌيك وڙهڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

سنڌ هاءِ كورٽ بار جماعت اسلامي جي هڙتال جي حمايت كري ڇڏي

اعلانيل شٽرڊائون ۽ پبلك ٽرانسپورٽ هڙتال جي مكمل حمايت جو اعلان كري ڇڏيو آهي

عام عوام، خاص طور تي ڏهاڙي تي كم كندڙ پورهيتن جو گذر سفر سخت متاثر ٿي رهيو آهي

كراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ كورٽ بار ايسوسيئيشن پاران جماعت اسلامي جي شٽرڊائون ۽ پبلك ٽرانسپورٽ هڙتال جي حمايت سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

لاهور هاءِ كورٽ جي جج راحيل كامران شيخ عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏيو

جج جي عهدي تي خدمتون انجام ڏيڻ اعزاز ۽ فخر جوڳو رهيو: جسٽس راحيل كامران شيخ

استعيفيٰ كان پوءِ قانوني اسكالر شپ، پاليسي ريسرچ ۽ عدالتي پريكٽس جو فيصلو كيو آهي

لاهور (م د) لاهور هاءِ كورٽ جي جسٽس راحيل كامران شيخ عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏيو آهي. جسٽس راحيل كامران 7 مئي 2021 تي جج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

مير رضا قتل كيس جي جاچ كندڙ جوڊيشل كميشن جو اهم اجلاس كراچي ۾ ٿيو

مقتول جي بزنس پارٽنر احمد پردي كان مختلف معاملن بابت تفصيلي سوال جواب كيا ويا

مبينا طور چرس جي موجودگي جو ذكر كرڻ ۽ كمري جي تلاشي واري معاملي تي احمد پردي كان لڳاتار سخت سوال كيا

كراچي (رپورٽر) مير رضا قتل كيس جي جاچ كندڙ جوڊيشل كميشن جو اهم اجلاس كراچي ۾ ٿيو. جنهن ۾ مقتول جي بزنس پارٽنر احمد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

كشمور: وزيراعليٰ كي پي كي سهيل آفريدي جو سنڌ جي دوري تي پهچڻ تي استقبال كيو پيو وڃي

سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه انتهائي پريشان كندڙ ۽ تشويشناك آهي :فريال ٽالپر

اسان مان كو به سنڌ جي ورهاڱي يا نون صوبن جي قيام جي حق ۾ نه آهي. پاكستان پيپلز پارٽي جو واضح ۽ غير متزلزل عزم آهي ته سنڌ كي ورهاڱو ٿيڻ نه ڏنو ويندو

سنڌ جي ورهاڱي جي معاملي تي اسان سڀ متحد ۽ هك زبان آهيون ۽ سنڌ جو بار بار پنهنجي ڌرتي جي وحدت جي تحفظ لاءِ بيٺل آهي

كراچي (رپورٽر) پاكستان پيپلز پارٽي وومين ونگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

كراچي: دونهون ڇڏيندڙ گاڏين خلاف كريك ڊائون جو فيصلو

پهرين كان 30 سيپٽمبر تائين گاڏين جي ماحولياتي چكاس كئي ويندي

گاڏي ۾ موجود خرابي 15 ڏينهن اندر درست نه كرڻ جي صورت ۾ گاڏي بند كرڻ جو اعلان

كراچي (رپورٽر) سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيكشن ايجنسي كراچي ۾ دونهون ڇڏيندڙ گاڏين خلاف ويهيكيولر ايميشن كنٽرول مهم شروع كرڻ جو ف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاك فوج جون لازوال قربانيون ۽ هر محب وطن لاءِ فخر جوڳيون آهن: عليم خان

اسلام آباد (بيورو) استحكام پارٽي جي صدر ۽ وفاقي وزير عبدالعليم خان اتر وزيرستان ۾ سيكي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

گورنر سنڌ سان پي آءِ آر ايف ۽ اسپورٽس جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي وفد جي ملاقات، صحافين جا مسئلا حل كرڻ جي خاطري

صحافتي سهولتن، اسپورٽس ميڊيا جي كردار ۽ رانڊين جي فروغ بابت مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

اسپورٽس جرنلسٽ رانڊين جي ميدان ۾ رانديگرن جي صلاحيتن، كاميابين ۽ ملك جو مثبت تشخص اجاگر كرڻ ۾ اهم كردار ادا كري رهيا آهن

كراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

كراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان پي آءِ آر ايف ۽ اسپورٽس جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي وفد جي ملاقات كندي

وفاقي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس، پيٽرول جي قيمتن كي شفاف ۽ پيشگوئي جوڳو بڻائڻ لاءِ سفارشن تي اتفاق

وفاقي وزير علي پرويز ملك جي صدارت هيٺ پيٽروليم پرائسز كميٽي جي اعلان ٿيو جنهن ۾ جاٽايل سفارشن تي اتفاق كيو ويو

مقصد ماركيٽ جي كاركردگي كي بهتر بڻائڻ ۽ قيمتن جو گهٽ وڌ كان تحفظ ڏيڻ آهي كميٽي جي حتمي رپورٽ جلد وزيراعظم كي پيش كئي ويندي

هنگامي حالتن ۾ ڊيزل جي قيمتن ۾ غير معمولي اصول طئي كيا ويا كميٽي پيٽرول جي ڊي ريگوليشن لاءِ جون 2027 جي ممكنه حدف جي سفارش كري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) پيٽروليم واري وفاقي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن كي شفاف ۽ پيش گوئي قابل بڻائڻ لاءِ سفارشن تي اتفاق كيو ويو آهي وفاقي وزير علي پرويز ملك جي صدارت هيٺ پيٽروليم پرائسز كم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

پنجاب ۾ كرپشن خلاف گرينڊ آپريشن، ڳجها سيل قائم، گرفتاريون شروع

پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز كارروائين جي ذاتي نگراني جو فيصلو كيو

كرپشن، رشوت يا اختيارن كان مٿانهين استعمال جي اطلاع هيلپ لائن تي ڏيو هر شكايت تي كارروائي ٿيندي

عوام جي هك اطلاع كرپشن ۽ رشوت خوري جو سمورو نيٽ ورك بي نقاب كري سگهي ٿي

لاهور (م د) پنجاب حكومت كرپشن، بدعنواني ۽ اختيارن مٿانهين استعمال خلاف گرينڊ آپريشن شروع كندي ڳجها سيل قائم كري ڇڏيا. جڏهن ته وزيراعليٰ مريم نواز جي زيرو ٽالرنس پاليسي جي تحت گرفتاريون به شروع ٿي ويون. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

عالمي مالياتي ماركيٽن ۽ سيڙپكارن جي بحال ٿيندڙ اعتماد جي عكاسي ٿي رهي آهي: محمد اورنگزيب

معاشي استحكام جي سفر ۾ پاكستان ايشيائي ترقياتي بئنك جي امداد، حمايت ۽ مدد تي ٿورائتو آهي

پاكستان عالمي كيپيٽل ماركيٽ ۾ ٻن قسطن تي ٻڌل 3 ارب ڊالرن جي ماليت جا يورو بانڊز جاري كري ڇڏيا آهن

جيكي ملكي تاريخ ۾ هك ئي ٽرانزيكشن ذريعي عالمي سطح تي فنڊ گڏ كرڻ جو سڀ كان وڏو ركارڊ آهي

عالمي مالياتي ادارن ۽ سيڙپكارن طرفان پاكستان جي معيشت ۽ پائيدار معاشي قدمن تي اعتماد جو مظهر آهي

اسلام آباد (بيورو) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته يورو بانڊز كاميابي سان جاري كرڻ سان كريڊٽ ريٽنگ جي عالمي ايجنسين، عالمي مالياتي ماركيٽن ۽ سيڙپكارن جي بحال ٿيندڙ اعتماد جي عك/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب تقريب كي خطاب كندي

گل پلازا سانحي كي 8 مهينا گذري وڃڻ باوجود متاثرن جا مسئلا حل نه ٿي سگهيا

كراچي (رپورٽر) گل پلازا سانحي كي 8 مهينا گذري وڃڻ باوجود متاثرن جا مسئلا حل نه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

اسلام اباد هاءِ كورٽ، پمز سانحي تي وزيراعظم كي پيش كيل كارروائي جي رپورٽ طلب

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ كورٽ پمز سانحي تي وزيراعظم كي پيش كيل ۽ كارروائي جي رپورٽ گهري ورتي اسلام آباد هاءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

آءِ جي سنڌ صوبي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال ۽ ڏوهن جي روكٿام لاءِ كنيل قدمن جو جائزو

سمورن ضلعن ۾ كاررواين كي وڌيك تيز ۽ اثرائتو بڻائڻ جي هدايت كري ڇڏي

ڏوهن جي روكٿام بابت باقاعدگي سان اجلاس منعقد كرڻ ۽ فيلڊ ۾ كنيل قدمن جو مسلسل جائزو وٺندا رهڻ

كراچي (رپورٽر) كراچي سنڌ جي آءِ جي جاويد عالم اوڍو صوبي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال ۽ ڏوهن، خاص طور تي اسٽريٽ كرائيم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

اڄ اصلي كنگ سان ملي خوشي ٿي"، بادشاهه چارلس ۽ بابر اعظم جي ملاقات واري وڊيو وائرل

لنڊن (م د) پاكستان كركيٽ ٽيم جي كپتان بابر اعظم برطانوي بادشاهه كنگ چارل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

اسان جو واضح موقف آهي ته سنڌ هك آهي ۽ هك ئي رهندي: گهرو وزير

سنڌ جي وحدت ۾ كنهن به قسم جي تبديلي قبول ناهي: ضياءَ الحسن لنجار

اسان جو واضح موقف آهي ته سنڌ هك آهي ۽ هك ئي رهندي، سنڌ جي موجوده جاگرافيائي وحدت ۾ كنهن به قسم جي تبديلي هرگز قبول نه كئي ويندي

سنڌ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي قيام بابت ڳالهين عوام ۾ هك نئين بحث كي جنم ڏنو آهي

كراچي (رپورٽر) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار [illegible] خطاب كندي چيو ته اسان جو واضح موقف آهي ته سنڌ هك آهي ۽ هك ئي رهندي، سنڌ جي موجوده جاگرافيائي وحدت ۾ كنهن به قسم جي تبديلي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

جمعو 04 سيپٽمبر 2026 ع بمطابق 21 ربيع الاول 1448ھ

جنگ جي نئين مرحلي جو خطرو

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ هلندڙ جنگ هاڻي رڳو ٻن ملڪن جي سڌي فوجي ٽڪراءُ تائين محدود نہ رهي آهي، پر ان جا اثر وچ اوڀر جي سموري سلامتي، عالمي توانائي جي منڊي ۽ وڏي طاقتن جي نئين صفبندي تائين پکڙجي رهيا آهن. آگسٽ جي آخر ۾ ڪجهہ وقت لاءِ فوجي چڪتاڻ ۾ گهٽتائي جون اميدون پيدا ٿيون هيون، پر پهرين ۽ ٻي سيپٽمبر تي آمريڪي حملن ۽ ايران جي جوابي ميزائل ڪارروائين کان پوءِ جنگ ٻيهر خطرناڪ رخ اختيار ڪيو آهي. رائٽرز موجب ٻي سيپٽمبر تي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جولاءِ کان پوءِ سڀ کان وڏو فوجي مقابلو ٿيو جنهن ۾ آمريڪي فوجن ايران جي ڏاکڻي سامونڊي علائقن تي حملا ڪيا، جڏهن تہ ايران خطي ۾ آمريڪي اڏن کي نشانو بڻايو.

هن صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائيندڙ ڳالهہ روس ۽ ايران جي وڌندڙ فوجي سهڪار بابت سامهون آيل رپورٽ آهي. برطانيا جي اخبار جي تحقيق موجب روس مبينا طور تي ايران کي جديد آواز کان ڪيترائي ڀيرا تيز رفتار وارا بحري ۽ زميني هدفن کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکندڙ ڪروز ميزائل تيار ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪري رهيو آهي. رپورٽ موجب "C430L"نالي هي پروگرام 2023 ع ۾ شروع ٿيو ۽ روسي ميزائل ماهرن ايران کي ريم جيٽ انجڻ جي ٽيڪنالاجي، ٻارڻ جي نظام، هوا جي داخل ٿيڻ ۽ انجڻ جي نوزل بابت فني مدد فراهم ڪئي.

هتي سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ فنانشل ٽائمز جي رپورٽ ۾ ايران وٽ هن ٽيڪنالاجي جي بنيادي نظام جي تياري ۽ آزمائش جو ذڪر ضرور آهي، پر اهڙو ڪو ثبوت سامهون ناهي آيو تہ روسي مدد سان تيار ڪيل مڪمل سپرسونڪ ڪروز ميزائل جنگ ۾ عملي طور استعمال ٿي چڪو آهي. تنهنڪري هن دعويٰ کي حتمي فوجي حقيقت بدران هڪ سنجيده ۽ تصديق طلب رپورٽ طور ڏسڻ گهرجي.

پر جيڪڏهن اها ٽيڪنالاجي مڪمل طور تي عملي بڻجي ٿي تہ ان جا اثر انتهائي اهم ٿي سگهن ٿا. سپرسونڪ ميزائل گهٽ اوچائي تي تمام تيز رفتاري سان سفر ڪري سگهن ٿا، جنهن سبب سامونڊي ۽ هوائي دفاعي نظام کي انهن جي سڃاڻپ ۽ روڪٿام لاءِ تمام گهٽ وقت ملي سگهي ٿو. خليج فارس ۾ آمريڪا ۽ ان جي ساٿين جون سامونڊي قوتون، جنگي جهاز ۽ فوجي اڏا موجود آهن. تنهنڪري ايران جي هٿ ۾ اهڙي صلاحيت طاقت جي موجوده توازن کي متاثر ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

روس جي ڪردار کي بہ صرف هٿيارن جي فراهمي جي دائري ۾ ڏسڻ مناسب نہ ٿيندو. يوڪرين جنگ کان پوءِ ماسڪو ۽ تهران جا فوجي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن. ايران روس کي شاهد ڊرون فراهم ڪيا ۽ روس ۾ انهن جي پيداوار لاءِ مدد ڪئي، جڏهن تہ هاڻي روس طرفان ايران کي حساس فوجي ڄاڻ ۽ ٽيڪنالاجي جي منتقلي جون رپورٽون سامهون اچي رهيون آهن. ان جو مطلب اهو ٿي سگهي ٿو تہ ٻنهي ملڪن جو لاڳاپو روايتي هٿيارن جي ڏي وٺ کان وڌي گڏيل فوجي ٽيڪنالاجي ۽ جنگي صلاحيتن جي تعمير ڏانهن وڃي رهيو آهي.

ان صورتحال ۾ آمريڪا لاءِ بہ وڏو سوال اهو آهي تہ ايران کي فوجي طاقت سان پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش آخر ڪهڙي حد تائين وڃي سگهي ٿي. ڇهن مهينن جي جنگ بابت رائٽرز جي تجزيي موجب ايران کي وڏو نقصان پهچڻ باوجود تهران اڃا تائين آمريڪا ۽ خطي جي سلامتي لاءِ خطرو پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو جڏهن تہ جنگ آمريڪي فوجي تيارين، هٿيارن جي استعمال ۽ عالمي توانائي جي قيمتن تي بہ دٻاءُ وڌو آهي.

جنگ جو سڀ کان وڏو خطرو اهو آهي تہ ان جو دائرو ايران ۽ آمريڪا کان ٻاهر نڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن خليج فارس، عراق، اردن، بحرين، ڪويت يا ٻين علائقن ۾ موجود آمريڪي فوجي هدفن تي حملا وڌن ٿا ۽ ان جي جواب ۾ واشنگٽن وڌيڪ سخت حملا ڪري ٿو تہ اسرائيل، خليجي ملڪ ۽ ٻين ڌرين جي شموليت جو امڪان وڌي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال وچ اوڀر کي هڪ وڏي علائقائي جنگ ڏانهن ڌڪي سگهي ٿي.

ان جو ٻيو وڏو اثر توانائي جي عالمي نظام تي پوندو. خليج فارس مان تيل جي فراهمي عالمي معيشت لاءِ انتهائي اهم آهي، جڏهن تہ آبنائي هرمز دنيا جي اهم توانائي گذرگاهن مان هڪ آهي. جنگ اڳ ئي تيل جي قيمتن کي متاثر ڪري چڪي آهي؛ رائٽرز موجب آگسٽ جي آخر ۾ جنگبندي بابت غير يقيني صورتحال سبب برينٽ خام تيل جي قيمت تقريباً 90 ڊالر في بيرل تائين پهچي وئي هئي. ڊگهي جنگ، سامونڊي آمدرفت ۾ رڪاوٽ يا آبنائي هرمز جي بندش عالمي مهانگائي کي ٻيهر تيز ڪري سگهي ٿي، جنهن جو بار پاڪستان جهڙن درآمد ڪندڙ ملڪن جي عوام تي بہ پوندو.

روس لاءِ بہ ايران جي حمايت رڳو همدردي جو معاملو ناهي. ماسڪو لاءِ وچ اوڀر ۾ آمريڪي اثر کي چئلينج ڪرڻ، واشنگٽن جي فوجي وسيلن کي هڪ ٻئي محاذ تي مصروف رکڻ ۽ پنهنجي عالمي اثر کي وڌائڻ اهم اسٽريٽجڪ مقصد ٿي سگهن ٿا. پر روس جيڪڏهن ايران کي اهڙي حساس ميزائل ٽيڪنالاجي تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪري ٿو جيڪا آمريڪي سامونڊي قوتن کي وڌيڪ خطري ۾ وجهي سگهي ٿي، تہ ان سان ماسڪو ۽ واشنگٽن وچ ۾ ڇڪتاڻ جو هڪ نئون محاذ بہ کلي سگهي ٿو.

چين جي خاموش سفارتي ڪردار کي بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. روس، ايران ۽ چين وچ ۾ مختلف شعبن ۾ وڌندڙ سهڪار عالمي طاقت جي توازن ۾ تبديليءَ جي نشاني آهي. جيڪڏهن آمريڪا هڪ طرف ايران خلاف جنگ جاري رکي ٿو ۽ ٻي طرف روس ۽ چين تهران کي سفارتي، اقتصادي يا ٽيڪنالاجي مدد فراهم ڪن ٿا تہ موجوده جنگ آهستي آهستي وڏي طاقت جي مقابلي جو ميدان بڻجي سگهي ٿي.

حقيقت اها آهي تہ جديد جنگون هاڻي صرف بمبارين، ميزائلن ۽ فوجين سان ناهن وڙهيون وينديون؛ انهن ۾ مصنوعي سيٽلائيٽ، ڊرون، سائبر صلاحيتون، جديد ميزائل ٽيڪنالاجي، معاشي پابنديون ۽ توانائي جي رستن جو ڪنٽرول بہ جنگ جو حصو بڻجي چڪا آهن. ايران کي روسي فني مدد بابت تازي رپورٽ انهيءَ نئين جنگي دنيا جو هڪ اهم مثال آهي.

ان ڪري عالمي برادري لاءِ هاڻي سڀ کان اهم سوال اهو نہ هجڻ گهرجي تہ جنگ ۾ ڪير فوجي طور غالب اچي ٿو، پر اهو هجڻ گهرجي تہ هي جنگ ڪٿي وڃي ختم ٿيندي. آمريڪا وٽ وڏي فوجي طاقت آهي، ايران وٽ خطي اندر مختلف نوعيت جون جوابي صلاحيتون آهن، جڏهن تہ روس ۽ چين جي وڌندڙ سهڪار سان صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿي سگهي ٿي. اهڙي ماحول ۾ ڪنهن هڪ غلط اندازي، ڪنهن وڏي فوجي هدف تي تباهي واري حملي يا ڪنهن سامونڊي واقعي سان جنگ جو دائرو اوچتو وڌي سگهي ٿو.

پاڪستان لاءِ بہ هي صورتحال غير معمولي اهميت رکي ٿي. پاڪستان وچ اوڀر جي ويجهو، توانائي جي درآمد تي ڀاڙيندڙ ۽ علائقائي امن سان سڌي طرح ڳنڍيل ملڪ آهي. تيل جي قيمتن ۾ واڌ، سامونڊي واپار ۾ رڪاوٽ، ڊالر تي دٻاءُ ۽ خطي ۾ پاڪستاني شهرين ۽ پورهيتن جي سلامتي جا مسئلا ملڪ جي معيشت ۽ سماج تي سڌو اثر وجهي سگهن ٿا. تنهنڪري پاڪستان کي ڪنهن بہ ڌر جي جنگي مهم جو حصو بڻجڻ بدران امن، ڳالهين ۽ علائقائي استحڪام لاءِ فعال سفارتي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تازي خونريزي واضح ڪري ٿي تہ جنگبندي صرف ڪاغذ تي اعلان ڪرڻ سان قائم نٿي رهي سگهي. مستقل امن لاءِ سنجيده ڳالهين، ايٽمي مسئلي جي نگراني، علائقائي سلامتي جي ضمانتن ۽ هڪ ٻئي خلاف وڌندڙ فوجي قدمن کي روڪڻ لاءِ قابل عمل نظام ضروري آهي. ٻي صورت ۾ اڄ جا ميزائل سڀاڻي وڌيڪ تيز، وڌيڪ درست ۽ وڌيڪ تباهہ ڪندڙ هٿيارن ۾ تبديل ٿيندا رهندا، جڏهن تہ ان تباهي جي قيمت عام انسان، معيشت ۽ ايندڙ نسلون ادا ڪنديون.

*وڏي طاقتن کي هاڻي طاقت جي مظاهري بدران عقل جو مظاهرو ڪرڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ وچ اوڀر ۾ جاري باهہ جيڪڏهن وڌيڪ ڀڙڪجي وئي تہ ان جون ليٽون رڳو تهران ۽ واشنگٽن تائين محدود نہ رهنديون

"جيڪو قوم خاطر جيئندو"

حڪيم پريم چانڊواڻي

تاريخ جي ڊگهي سفر ۾ ڪيترائي نالا پيدا ٿيندا آهن ۽ وقت جي شور ۾ گم ٿي ويندا آهن. پر ڪي نالا اهڙا بہ هوندا آهن. جيڪي وقت گذرڻ سان مٽجڻ بدران وڌيڪ روشن ٿيندا ويندا آهن. انهن نالن جي پويان دولت، اقتدار يا شهرت جي ڪهاڻي نہ هوندي آهي، بلڪ قرباني، خدمت، اصول، ڪردار ۽ قوم سان بي لوث محبت جو هڪ اهڙو داستان هوندو آهي، جنهن کي وقت بہ ميساري نٿو سگهي.

جيڪو قوم خاطر جيئندو،
اهوئي رهبر امر ٿي ويندو

هي بہ ستون قيادت جو هڪ مڪمل فلسفو آهن. انهن ٻن سٽن ۾ قوم، قيادت، قرباني، خدمت، ڪردار ۽ امرتا جو سڄو راز سمايل آهي. انسان جي زندگي مختصر آهي، پر سندس عملن جا پاڇا صدين تائين هلي سگهن ٿا. جسم فنا ٿي وڃي ٿو، پر جيڪڏهن زندگي ڪنهن وڏي مقصد لاءِ وقف هجي تہ ان جو فڪر، ڪردار ۽ خدمت وقت جي حدن کان ٻاهر نڪري ويندا آهن.

رهبر اهو ناهي، جيڪو ماڻهن کان پنهنجي لاءِ نعرا هڻائي، رهبر اهو آهي، جيڪو ماڻهن جي خاموش درد کي ٻڌي. رهبر اهو ناهي، جيڪو قوم جي ڪلهن تي چڙهي اوچو نظر اچي، رهبر اهو آهي، جيڪو قوم جي ڏکن جو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻي. ڪرسي ڪنهن کي حڪمران بڻائي سگهي ٿي، پر قوم جي دل ۾ جاءِ صرف خدمت سان ٺهي ٿي.

اقتدار انسان کي طاقت ڏئي سگهي ٿو، پر عزت نٿو ڏئي سگهي. عزت ڪمائڻي پوي ٿي ۽ اها دولت سان نہ، ڪردار سان ڪمائجي ٿي. جنهن انسان وٽ عهدو هجي پر اصول نہ هجن، طاقت هجي پر رحم نہ هجي، دولت هجي پر انسانيت نہ هجي، اهو شايد ڪجهہ وقت لاءِ وڏو نظر اچي، پر تاريخ جي نظر ۾ وڏو نٿو بڻجي سگهي.

سچي قيادت جي سڃاڻپ اُن وقت ٿيندي آهي، جڏهن ذاتي مفاد ۽ اجتماعي مفاد هڪ ٻئي جي سامهون اچي بيهن. جيڪو ماڻهو پنهنجي فائدي کي قوم جي فائدي تي قربان ڪري، پنهنجي آرام کان وڌيڪ عوام جي آرام کي اهميت ڏئي ۽ پنهنجي اڄ کان وڌيڪ قوم جي سڀاڻي جي فڪر ۾ رهي، اهوئي قيادت جو اصل حق ادا ڪري ٿو.

قوم خاطر جيئڻ جو مطلب فقط تقريرون ڪرڻ، نعرا هڻڻ يا وڏا واعدا ڪرڻ ناهي. قوم خاطر جيئڻ جو مطلب آهي پنهنجي ذات کان مٿي اجتماعي مفاد کي رکڻ. ان جو مطلب آهي علم کي عام ڪرڻ، انصاف لاءِ بيهڻ، ڪمزور جو ساٿ ڏيڻ، نوجوانن لاءِ رستا کولڻ، غريب جي عزت بچائڻ، معاشري مان نفرت گهٽائڻ ۽ ماڻهن ۾ اميد پيدا ڪرڻ.

قومون رڳو عمارتن، شاهراهن، پلن، بازارن ۽ وڏن منصوبن سان عظيم نٿيون ٿين. قومن جي اصل عظمت انهن جي اخلاق، علم، انصاف، اتحاد، شعور ۽ ڪردار ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن هڪ ملڪ ۾ وڏيون عمارتون هجن پر انسان ننڍو ٿي وڃي، بازارون آباد هجن پر دليون ويران هجن، دولت وڌندي وڃي پر انصاف گهٽ ٿيندو وڃي، تہ پوءِ اها ترقي صرف ظاهري ۽ ڏيکاءَ جي هوندي آهي

سنو رهبر ماڻهن کي پنهنجي پنيان هلائڻ کان وڌيڪ، ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ سيکاريندو آهي. هو ماڻهن کي محتاج نٿو بڻائي، خوداعتمادي ڏئي ٿو. خوف پيدا نٿو ڪري، شعور پيدا ڪري ٿو. نفرت نٿو پوکي، اتحاد پيدا ڪري ٿو. شخصيت پرستي نٿو وڌائي، اصولن کي مضبوط ڪري ٿو ڇو تہ شخصيتون عارضي هونديون آهن، پر اصول دائمي ٿيندا آهن.

اسان جي دؤر جو هڪ وڏو الميو اهو بہ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن مشهور شخصيت ۽ رهبر کي هڪ ئي شئي سمجهيو وڃي ٿو. مشهور ٿيڻ آسان ٿي سگهي ٿو، پر معتبر ٿيڻ ڏکيو آهي. شهرت ماڻهن جي زبان تي نالو آڻي سگهي ٿي، پر ڪردار ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ ناهي ٿو. شهرت وقت سان ختم ٿي سگهي ٿي، پر ڪردار نسلن تائين زنده رهي سگهي ٿو.

سچي قيادت جو سڀ کان وڏو امتحان اهو آهي تہ انسان اُن وقت بہ اصولن تي قائم رهي، جڏهن ڪيس ڏسڻ وارو ڪو بہ نہ هجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اڪيلائي ۾ بہ غلط ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري، جيڪڏهن هو پنهنجي فائدي لاءِ قوم جي نقصان کي قبول نہ ڪري، جيڪڏهن هو طاقت هوندي بہ ڪمزور سان انصاف ڪري، تہ پوءِ سمجهو تہ اُن انسان جي اندر رهبر زنده آهي.

قوم خاطر جيئڻ جو مطلب اهو بہ آهي تہ انسان پنهنجي زبان، قلم، علم، هنر ۽ صلاحيت کي سماج جي بهتري لاءِ استعمال ڪري. استاد جيڪڏهن ايمانداريءَ سان تعليم ڏئي ٿو، ڊاڪٽر جيڪڏهن انسانيت کي ڪاروبار کان مٿي رکي ٿو، مزدور جيڪڏهن پنهنجي محنت سان ملڪ کي اڳتي وڌائي ٿو، اديب جيڪڏهن سماج جي ضمير کي جاڳائي ٿو، صحافي جيڪڏهن سچ لاءِ قلم کڻي ٿو ۽ نوجوان جيڪڏهن علم ۽ ڪردار سان پنهنجي مستقبل کي سنواري ٿو، تہ اهي سڀ پنهنجي پنهنجي دائري ۾ قوم جا رهبر آهن.

قيادت صرف ايوانن ۾ نٿي ٺهي. قيادت اسڪول ۾ بہ ٺهي ٿي، اسپتال ۾ بہ، ڪارخاني ۾ بہ، آفيس ۾ بہ، قلم ۾ بہ، ڪتاب ۾ بہ ۽ هر گهر جي ننڍڙي دائري ۾ بہ. هڪ ماءُ پنهنجي ٻار کي سچ سيکاري ٿي تہ هوءَ مستقبل جو ڪردار ناهي رهي آهي. هڪ استاد شاگرد جي ذهن ۾ سوال ۽ سوچ پيدا ڪري ٿو تہ هو قوم جي فڪر کي نئون رستو ڏئي رهيو آهي. هڪ اديب ڪوڙ جي مقابلي ۾ سچ لکي ٿو تہ هو سماج جي ضمير کي آواز ڏئي رهيو آهي. هڪ محنت ڪش پنهنجي ايماندار محنت سان پنهنجي خاندان ۽ ملڪ جي معيشت کي سهارو ڏئي ٿو. اهڙيءَ طرح قوم جي تعمير هزارين ننڍن، خاموش ۽ نيڪ عملن سان ٿيندي آهي.

تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي ماڻهو ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي ذاتي آرام، خواهشن ۽ مفادن کي وڏي مقصد لاءِ قربان ڪيو. شايد انهن وٽ هر وقت دولت نہ هئي، شايد طاقت جا وڏا وسيلا نہ هيا، پر وٽن هڪ شئي ضرور هئي، مقصد سان وفاداري. عام ماڻهو اڪثر پڇندو آهي، مون کي ڇا ملندو؟ سچو رهبر پڇندو آهي: منهنجي قوم کي ڇا ملندو؟ پهريون سوال ذات کان شروع ٿئي ٿو ۽ ذات تي ختم ٿي وڃي ٿو، پر ٻيو سوال قوم کان شروع ٿئي ٿو ۽ ايندڙ نسلن تائين پهچي ٿو.

اهوئي فرق آهي عام زندگيءَ ۽ تاريخ ساز زندگيءَ ۾. جيڪو ماڻهو قوم جي نالي تي پنهنجي ذات جا خزانا ڀريندو رهي، اهو ڪجهہ وقت لاءِ طاقتور نظر اچي سگهي ٿو، پر تاريخ جي عدالت ۾ گهڻي دير قائم نٿو رهي. وقت جو فيصلو ڏاڍو عجيب هوندو آهي. اڄ جنهن کي طاقتور سمجهيو وڃي ٿو، سڀاڻي شايد ڪو بہ سندس نالو نہ وٺي، پر اڄ جيڪو انسان خاموشيءَ سان ڪنهن غريب ٻار کي تعليم ڏئي رهيو آهي، ڪنهن بي سهاري جي مدد ڪري رهيو آهي، ڪنهن ظلم خلاف آواز بلند ڪري رهيو آهي يا پنهنجي علم سان ماڻهن جي زندگي آسان بڻائي رهيو آهي، شايد سڀاڻي سندس عمل ڪيترن انسانن لاءِ روشني بڻجي وڃي.

امر ٿيڻ لاءِ انسان کي موت کان بچڻ جي ضرورت ناهي، امر ٿيڻ لاءِ سندس ڪردار کي وقت جي هوس کان بچڻو پوندو آهي.

قوم خاطر جيئندڙ انسان جو جسم هڪ ڏينهن مٽيءَ ۾ ملي وڃي ٿو، پر سندس فڪر، سندس خدمت ۽ سندس مثال نسلن جي حافظي ۾ زنده رهي ٿو. اهوئي امرتا جو اصل راز آهي.

قومون انهن ئي ماڻهن کي پنهنجو حقيقي سرمايو سمجهن ٿيون، جيڪي قوم جي خوشحاليءَ کي پنهنجي خوشحالي سمجهن ٿا. اهڙا ماڻهو قوم کي ورهائڻ بدران گڏ ڪن ٿا، ڪمزور کي ڪچلڻ بدران سهارو ڏين ٿا، اختلاف کي دشمني بڻائڻ بدران گفتگو جو رستو اختيار ڪن ٿا ۽ پنهنجي مخالف جي حق کي بہ حق سمجهن ٿا.

سچي قيادت جو قد مخالفن کي ختم ڪرڻ سان نہ، مخالفت جي باوجود اصولن تي قائم رهڻ سان ماپيو ويندو آهي.

اڄ دنيا کي اهڙي قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا انسان کي انسان سمجهي، جيڪا رنگ، نسل، ٻولي، علائقي ۽ طبقي جي فرق کان مٿي ٿي سوچڻ جي صلاحيت رکي، جيڪا اقتدار کي مقصد نہ، ذميواري سمجهي، جيڪا قوم جي ايندڙ نسلن بابت سوچي ۽ اهڙو مستقبل ڇڏي وڃي، جنهن تي ايندڙ نسل فخر ڪري سگهن.

اسان کي اهڙا رهبر گهرجن، جيڪي قوم کان صرف ووٽ، تاڙيون يا نعرا نہ گهرن، پر قوم کي علم، شعور، اخلاق ۽ اميد ڏين ڇو تہ قوم جو سڀ کان وڏو سرمايو قدرتي وسيلا نہ، پر باشعور، باڪردار ۽ انسان دوست ماڻهو آهن.

دراصل انسان جي عظمت ان ڳالهہ ۾ ناهي تہ هو ڪيترو وقت جيئرو رهيو، ڪيترو مال گڏ ڪيائين، ڪيترا منصب ماڻيائين يا ڪيترا ماڻهو سندس نالي جا نعرا هڻندا رهيا، اصل عظمت ان ۾ آهي تہ سندس وجود سان ڪيترين زندگيون سنوريون، ڪيترا خواب حقيقت بڻيا ۽ سندس وڃڻ کان پوءِ بہ سندس فڪر ڪيتري دير تائين روشني ڏيندو رهيو.

اقتدار ختم ٿي سگهي ٿو، تخت خالي ٿي سگهن ٿا، دولت ورهائجي سگهي ٿي، شهرت وسري سگهي ٿي، پر قوم لاءِ ڪيل بي لوث خدمت، سچ لاءِ بلند ڪيل آواز ۽ انسانيت لاءِ ڏنل قرباني ڪڏهن فنا نٿي ٿئي.

سچو رهبر اهو ناهي، جيڪو قوم کي پنهنجي نالي سان سڃاڻپ ڏياري؛ سچو رهبر اهو آهي، جيڪو قوم کي پنهنجي پيرن تي بيهاري، پنهنجي حقن جي سڃاڻپ ڏياري ۽ ايندڙ نسلن کي اهڙو مستقبل ڏئي، جنهن ۾ اميد زنده هجي.

ڇو تہ تاريخ آخرڪار تختن جو نہ، ڪردارن جو فيصلو ڪندي آهي. ۽ جڏهن وقت جا سڀ شور خاموش ٿي ويندا، جڏهن اقتدار جا سڀ دروازا بند ٿي ويندا، جڏهن دولت، عهدا ۽ شهرت ماضيءَ جا قصا بڻجي ويندا، جڏهن انسان جو نالو بہ صرف هڪ يادگيري بڻجي رهجي ويندو، تڏهن قوم جي ضمير مان هڪ سوال ضرور اٿندو:

هن شخص پنهنجي لاءِ ڇا ڇڏيو؟
۽ پنهنجي قوم لاءِ ڇا ڇڏي ويو؟

جنهن انسان جو جواب هيو هجي، جنهن پنهنجي ذات کان مٿي قوم کي رکيو هجي، جنهن پنهنجي آرام کان مٿي عوام جو آرام چونڊيو هجي، جنهن پنهنجي شهرت کان مٿي سچ کي عزت ڏني هجي ۽ جنهن پنهنجي اڄ کي قربان ڪري قوم جي سڀاڻي کي سنواريو هجي، اهو انسان حقيقت ۾ امر ٿي وڃي ٿو

هو ڪتابن کان اڳتي وڌي نسلن جي شعور ۾ زنده رهندو آهي. هو قبر جي خاموشيءَ کان نڪري قوم جي ضمير جو آواز بڻجي ويندو آهي. هو وقت جي وهڪري ۾ گم ٿيڻ بدران وقت جي رخ کي تبديل ڪندڙ نشان بڻجي ويندو آهي.

تنهن ڪري رهبر ڳولڻ کان اڳ اهڙو معاشرو پيدا ڪرڻو پوندو, جيڪو رهبر پيدا ڪري سگهي. اهڙا انسان پيدا ڪرڻا پوندا، جيڪي ڪرسيءَ لاءِ نہ، ڪردار لاءِ اڳتي اچن، جيڪي شهرت لاءِ نہ، خدمت لاءِ جيئن، جيڪي قوم کان ڪجهہ وٺڻ لاءِ نہ، قوم کي ڪجهہ ڏيڻ لاءِ پيدا ٿين.

ڇو تہ قومن کي وڏن نعرن کان وڌيڪ وڏن ڪردارن جي ضرورت هوندي آهي.

درحقيقت ڳالهہ رڳو رهبر جي ناهي، ڳالهہ هر ان انسان جي آهي، جنهن کي زندگيءَ هڪ موقعو ڏنو آهي تہ هو پنهنجي وجود کي ڪنهن وڏي مقصد لاءِ وقف ڪري. سوال اهو ناهي تہ اسان ڪيترو جيئاسين، سوال اهو آهي تہ اسان جي جيئڻ سان ڪير فائدو وٺي سگهيو؟ سوال اهو ناهي تہ اسان ڪيترو ڪمايو، سوال اهو آهي تہ اسان جي ڪردار مان سماج ڇا ڪمايو؟ سوال اهو ناهي تہ اسان جو نالو ڪيترو مشهور ٿيو، سوال اهو آهي تہ اسان جي وڃڻ کان پوءِ اسان جي نالي سان ڪهڙو سنو ڪم ياد ڪيو ويندو؟!

جيڪڏهن انسان جي زندگيءَ جو ڪو وڏو مقصد آهي، تہ اهو پنهنجي ذات جي دائري کان ٻاهر نڪري قوم ۽ انسانيت لاءِ ڪجهہ ڇڏي وڃڻ آهي. جيڪو پنهنجي لاءِ جيئندو، سو شايد وقت سان وسري ويندو، جيڪو قوم لاءِ جيئندو، سو نسلن تائين جيئندو رهندو، ۽ جيڪو انسانيت لاءِ جيئندو، سو وقت کان بہ اڳتي امر ٿي ويندو. قوم خاطر جيئندڙن جي زندگي ختم ٿيندي آهي، پر سندن خدمت جي ڪهاڻي ڪڏهن ختم ناهي ٿيندي. سندن جسم مٽي ٿي سگهن ٿا، پر سندن فڪر مٽي نٿو ٿي سگهي، سندن آواز خاموش ٿي سگهي ٿو، پر سندن پيغام خاموش نٿو ٿي سگهي. سندن نالو وقت جي ورقن مان ڪڏهن ڌنڌلو ٿي سگهي ٿو، پر سندن ڪردار قوم جي حافظي مان مٽجي نٿو سگهي. زندگيءَ جي ڏيگهہ انسان کي امر نٿي بڻائي. زندگيءَ جو مقصد انسان کي امر بڻائي ٿو. ۽ تاريخ جو آخري فيصلو بہ بلڪل صاف آهي تہ: جيڪو قوم خاطر جيئندو،
اهوئي رهبر امر ٿي ويندو

حڪيم پريم چانڊواڻي

مهانگائي جي باهہ ۾ سڙندڙ عوام، جماعت اسلامي جي هڙتال ۽ حڪومت آڏو سوال

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان ۾ مهانگائي هاڻي رڳو هڪ معاشي مسئلو نہ رهي آهي، پر اها عام ماڻهو جي زندگيءَ جو اهڙو درد بڻجي چڪي آهي، جنهن کان ڪو بہ گهر، ڪو بہ شهر ۽ ڪو بہ طبقو محفوظ نظر نٿو اچي. روزمره جي ضرورتن جون شيون مهانگيون، بجلي جا بل ڳرا، پيٽرول جون قيمتون عوام جي برداشت کان ٻاهر ۽ آمدني ساڳي جاءِ تي بيٺل هجي تہ پوءِ ماڻهن جي اندر بيچيني پيدا ٿيڻ فطري ڳالهہ آهي. اهڙي صورتحال ۾ جماعت اسلامي طرفان ملڪ گير هڙتال جي سڏ کي رڳو هڪ سياسي احتجاج سمجهڻ شايد حقيقت جو اڌ حصو ڏسڻ برابر هوندو، ڇو تہ هن احتجاج جي پويان عام ماڻهو جي معاشي پريشاني ۽ وڌندڙ ڪاوڙ بہ موجود آهي.

جماعت اسلامي مهانگائي، بجلي جي اگهن، پيٽروليم شين تي لاڳو محصولن ۽ عوام تي وڌندڙ معاشي بار خلاف آواز بلند ڪري رهي آهي. جماعت اسلامي جو مطالبو آهي تہ حڪومت عوام کي حقيقي رليف ڏئي، بجلي جا اگهہ گهٽائي، پيٽروليم شين تي بار گهٽ ڪري ۽ اهڙيون پاليسيون اختيار ڪري، جن سان عام ماڻهو کي ڪجهہ ساهہ کڻڻ جو موقعو ملي سگهي.

سوال اهو آهي تہ ڇا ملڪ گير هڙتال سان عوام جا مسئلا حل ٿي ويندا؟ يقيناً رڳو هڪ ڏينهن بازارون بند رهڻ سان مهانگائي ختم نہ ٿيندي، بجلي سستي نہ ٿيندي ۽ عام ماڻهو جي آمدني ۾ واڌ نہ ايندي. پر هڙتال جو اصل مقصد شايد مسئلن کي هڪ ئي ڏينهن ۾ حل ڪرڻ نہ، پر حڪمرانن کي اهو احساس ڏيارڻ آهي تہ عوام جي برداشت جي بہ هڪ حد هوندي آهي.

اڄ هڪ مزدور پنهنجي محدود اجرت ۾ گهر جو خرچ هلائڻ لاءِ پريشان آهي. هڪ ننڍو دڪاندار بجلي، دڪان جي ڪرائي ۽ ٻين خرچن کان پوءِ پنهنجي آمدني بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. پگهاردار طبقو مهيني جي شروعات ۾ پگهار ملڻ کان پوءِ ئي حساب لڳائڻ شروع ڪري ٿو تہ ڪهڙو بل پهريان ادا ڪجي ۽ ڪهڙي ضرورت کي ايندڙ مهيني تائين ملتوي ڪجي. هڪ هاري ٻج، ڀاڻ، پاڻي، ڊيزل ۽ مزدوري جي وڌندڙ خرچن کي ڏسي پريشان آهي. اهڙي صورتحال ۾ مهانگائي رڳو انگن اکرن ۾ نہ، پر هر گهر جي روزاني زندگي ۾ محسوس ٿي رهي آهي.

بجلي جو بل ڪيترن ئي گهرن لاءِ هاڻي مهيني جي آمدنيءَ جو وڏو حصو کڻي وڃي ٿو. بجلي جي قيمت ۾ اضافو رڳو گهرجي بجيٽ کي متاثر نٿو ڪري، پر ڪارخانن، دڪانن، ننڍن ڪاروبارن ۽ زرعي شعبي جي خرچن ۾ بہ اضافو ڪري ٿو. جڏهن پيداوار جي قيمت وڌي ٿي تہ ان جو اثر آخرڪار مارڪيٽ ۾ شين جي اگهن تي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ معاشي فيصلو ڪيترن ئي مرحلن مان گذري عام صارف جي کيسي تائين پهچي ٿو.

پيٽروليم شين جي قيمتن جو مسئلو بہ ان کان مختلف ناهي. پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگا ٿين ٿا تہ ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌن ٿا، مال جي اچ وڃ مهانگي ٿئي ٿي، زرعي پيداوار جي لاڳت وڌي ٿي ۽ روزمره جي شين جا اگهہ بہ متاثر ٿين ٿا. تنهنڪري پيٽرول جي قيمت ۾ واڌ رڳو گاڏي هلائيندڙ شخص جو مسئلو ناهي، پر اها سڄي معيشت تي اثرانداز ٿيندڙ ڳالهہ آهي.

جماعت اسلامي جي هڙتال ان وقت اهم بڻجي ٿي، جڏهن عوام جي معاشي پريشاني سياسي احتجاج سان ڳنڍجي وڃي ٿي. پر هتي جماعت اسلامي لاءِ بہ هڪ وڏو سوال موجود آهي. جيڪڏهن اها جماعت عوام جي مسئلن کي پنهنجي سياسي جدوجهد جو مرڪز بڻائي رهي آهي تہ پوءِ احتجاج سان گڏ عوام کي اهو بہ ٻڌائڻو پوندو تہ متبادل معاشي پاليسي ڇا هوندي؟

رڳو اهو چوڻ ڪافي ناهي تہ بجلي سستي ڪئي ويندي يا پيٽرول تي بار گهٽ ڪيو ويندو. سوال اهو آهي تہ ان لاءِ رقم ڪٿان ايندي؟ حڪومت جي آمدني ڪيئن پوري ٿيندي؟ ٽيڪس نظام کي ڪيئن منصفاڻو بڻايو ويندو؟ وڏن واپاري ۽ آمدني وارن طبقن کي ٽيڪس نيٽ ۾ ڪيئن آندو ويندو؟ سرڪاري خرچن ۾ ڪهڙي طريقي سان گهٽتائي ڪئي ويندي؟ جيڪڏهن انهن سوالن جا واضح جواب عوام کي ملن تہ سياسي احتجاج وڌيڪ مضبوط ۽ بامقصد بڻجي سگهي ٿو.

ٻئي طرف حڪومت کي بہ جماعت اسلامي جي احتجاج کي رڳو سياسي دشمني جي نظر سان ڏسڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هزارين ماڻهو مهانگائي خلاف آواز بلند ڪري رهيا آهن تہ ان آواز کي ٻڌڻ حڪومت جي ذميواري آهي. جمهوري نظام ۾ احتجاج حڪومت خلاف جنگ نہ، پر حڪومت کي پنهنجي پاليسين تي نظرثاني ڪرڻ جو هڪ موقعو بہ ٿي سگهي ٿو. حڪومت جيڪڏهن اهو سمجهي تہ هڙتال ڪندڙ سڀ ماڻهو ڪنهن سياسي جماعت جا ڪارڪن آهن تہ اها شايد وڏي غلطي هوندي. ڇاڪاڻ تہ مهانگائي جو مسئلو سياسي وابستگي نٿو ڏسي. مهانگي بجلي جو بل ڪنهن کان اهو نٿو پڇي تہ هو حڪومت جو حامي آهي يا مخالف. پيٽرول جي قيمت ڪنهن جي پارٽي نٿي ڏسي. بازار ۾ مهانگائي ڪنهن جي سياسي سڃاڻپ نٿي پڇي. ان جو اثر سڀني تي پوي ٿو.

اهڙي صورتحال ۾ حڪومت لاءِ بهتر رستو اهو آهي تہ احتجاج کي طاقت سان دٻائڻ بدران ڳالهين جو دروازو کليل رکي. عوامي مطالبن مان جيڪي جائز ۽ عملي آهن، انهن کي تسليم ڪري ۽ جن معاملن ۾ فوري رليف ممڪن ناهي، انهن بابت واضح پاليسي عوام آڏو رکي. عوام کي حقيقت ٻڌائڻ بہ حڪمراني جو حصو آهي.

پاڪستان جي معاشي بحران جو حل يقيناً آسان ناهي. ملڪ تي قرضن جو بار، درآمدي خرچ، توانائي جا مسئلا، محدود ٽيڪس بنياد ۽ مالي خسارو اهڙا مسئلا آهن، جيڪي هڪ ڏينهن ۾ حل نٿا ٿي سگهن. پر ان جو مطلب اهو بہ ناهي تہ هر بحران جو بار عام ماڻهو تي وڌو وڃي. رياست کي اهو سوچڻو پوندو تہ معاشي پاليسين ۾ قرباني جو بار منصفاڻي نموني ورهايو وڃي. جيڪڏهن غريب ۽ وچولو طبقو مسلسل قرباني ڏيندو رهي ۽ امير طبقن، وڏن ڪاروبارن ۽ غيرپيداواري سرڪاري خرچن بابت سخت فيصلا نہ ٿيندا تہ عوام جي بيچيني گهٽجڻ بدران وڌندي ويندي.

جماعت اسلامي جي هڙتال جو هڪ ٻيو اهم پاسو اهو بہ آهي تہ احتجاج ڪيترو پرامن رهي ٿو. احتجاج جمهوريت جو حق آهي، پر ڪنهن بہ احتجاج دوران عام شهرين، مريضن، مزدورن، شاگردن ۽ روزاني اجرت تي ڪم ڪندڙ ماڻهن جي مشڪلاتن کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. سياسي جدوجهد جو مقصد عوام لاءِ آساني پيدا ڪرڻ هجڻ گهرجي، نہ تہ انهن جي تڪليف ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ. ساڳئي وقت ميڊيا ۽ سياسي ڌرين جي ذميواري بہ وڌي وڃي ٿي تہ احتجاج کي غيرضروري ڇڪتاڻ ڏانهن نہ وٺي وڃن. اختلاف راءِ جمهوريت جو حسن آهي، پر اختلاف کي دشمن بڻائڻ جمهوريت جي ڪمزوري آهي. حڪومت ۽ جماعت اسلامي ٻنهي کي ڳالهين جي ميز تائين پهچڻ لاءِ رستو ڳولڻ گهرجي. هي هڙتال حڪومت لاءِ هڪ سوال آهي، پر جماعت اسلامي لاءِ بہ امتحان آهي. حڪومت کي ثابت ڪرڻو پوندو تہ اها عوام جي معاشي تڪليفن کي سمجهي ٿي، جڏهن تہ جماعت اسلامي کي ثابت ڪرڻو پوندو تہ ان جي جدوجهد رڳو حڪومت خلاف سياسي نعرو ناهي، پر عوام جي معاشي مسئلن جو سنجيده حل ڳولڻ لاءِ بہ آهي.

اڄ عوام کي اهڙي سياست جي ضرورت آهي، جيڪا رڳو چونڊن تائين محدود نہ هجي. عوام کي اهڙي حڪمراني گهرجي، جنهن ۾ بجلي جو بل ادا ڪرڻ کان پوءِ گهر جو راشن ختم نہ ٿئي، پيٽرول پرائڻ کان پوءِ ٻارن جي اسڪول فيس جو مسئلو پيدا نہ ٿئي ۽ مهيني جي آخري هفتي ۾ خاندان کي بنيادي ضرورتن لاءِ قرض وٺڻ جي ضرورت نہ پوي.

جماعت اسلامي جي ملڪ گير هڙتال ڪيتري ڪامياب ٿيندي، ان جو فيصلو شايد هڪ ڏينهن ۾ ٿي ويندو، پر ان جي سياسي ۽ معاشي اثرن جو اندازو ان کان پوءِ لڳندو. جيڪڏهن حڪومت عوام جي آواز کي سنجيدگي سان ٻڌي ۽ عملي رليف لاءِ قدم کڻي ٿي تہ احتجاج هڪ مثبت نتيجي ڏانهن وڃي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان کي نظرانداز ڪيو ويو تہ عوامي ڪاوڙ وڌيڪ منظم صورت اختيار ڪري سگهي ٿي.

حقيقت اها آهي تہ مهانگائي سان وڙهندڙ عوام کي هاڻي صرف تقريرون، واعدا ۽ سياسي نعرا نہ گهرجن. انهن کي عملي رليف گهرجي. انهن کي اهڙي معاشي پاليسي گهرجي، جنهن ۾ ملڪ جي ترقي جو فائدو صرف ڪجهہ طبقن تائين محدود نہ رهي، پر عام ماڻهو جي زندگي ۾ بہ نظر اچي. جماعت اسلامي جي هڙتال جو اصل سوال بہ اهو ئي آهي: ڇا حڪمران عوام جي وڌندڙ ڪاوڙ کي سمجهندا يا وري ان کي هڪ ڏينهن جي سياسي سرگرمي سمجهي وساري ڇڏيندا؟ جيڪڏهن حڪومت وقت جي آواز کي سمجهي، سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي عوامي مسئلن تي سنجيده ڳالهين جو آغاز ڪري ٿي تہ اڄ جي هڙتال سڀاڻي جي اصلاح جو بنياد بڻجي سگهي ٿي. پر جيڪڏهن حڪمران عوام جي تڪليفن کي نظرانداز ڪندا رهيا تہ پوءِ سوال رڳو هڪ هڙتال جو نہ رهندو، پر اهو سوال بڻجي ويندو تہ آخر عوام جو صبر ڪيتري دير تائين قائم رهندو؟ عوام کي احتجاج کان وڌيڪ حل جي ضرورت آهي، ۽ حڪومت کي نعري کان وڌيڪ عمل جي.

بقايا *** 01

بہ قسم جي ڦيرڦار يا ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ڪنهن بہ صورت ۾ قبولڻ جوڳو ناهي. تحريڪ التوا ۽ پيپلز پارٽي جو بيانيو وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اسپيڪر جا ٿورا مڃيندي ٻڌايو تہ هيءَ تحريڪِ التوا نثار کهڙو صاحب اسيمبلي ۾ کڻي آيو هو. هن چيو تہ ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ هيءَ تحريڪ نہ اچڻ گهرجي ها ۽ سڌو سنئون ٺهراءُ آڻڻ گهرجي ها، پر پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ اسان جي پارلياماني پارٽي اهو فيصلو ڪيو تہ اسان سنڌ جي حقن ۽ سلامتي جي ان اهم معاملي تي هن آئيني فورم جي اندر تفصيلي بحث ڪرڻ چاهيون ٿا. هن پڌرو ڪيو تہ لاهور ۾ بزنس ڪميونٽي جي هڪ سيمينار ۾ هڪ وفاقي وزير نون صوبن ۽ انتظامي اڪائين جي ڳالهہ ڇيڙي هئي، جنهن ڪانپوءِ ٽي وي شوز ۽ جلسن جلوسن ۾ اهو بحث شروع ٿي ويو. نثار کهڙو ان بحث کي صحيح جاءِ اسيمبلي ۾ کڻي آيو تہ جيئن غير متعلقہ جڳهن تي ڳالهيون ڪندڙن جا منهن بند ڪري سگهجن. پاڪستان ٺاهڻ ۾ سنڌ جو تاريخي ڪردار سائين مراد علي شاهہ تاريخ جا ورق ورائيندي چيو تہ پاڪستان ٺاهڻ ۾ صوبي سنڌ جو هٿ سڀ کان مٿي هو سنڌ سڀ کان اڳ 1938 ع ۾ قائدِ اعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ ڪراچي جي جلسي ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو جيڪو 23 مارچ 1940 ع جي لاهور واري پاڪستان جي ٺهراءَ جو بنياد بڻيو ان کانپوءِ 1943 ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪندڙ پهرين اسيمبلي بہ سنڌ اسيمبلي ئي هئي. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ 26 جون 1947 ع تي برطانوي حڪومت جي هندستان جي ورهاست واري پلان تي لبيڪ چوندي سنڌ اسيمبلي سڀ کان اڳ هندستان کان ڌار ٿيڻ ۽ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو تاريخي فيصلو ڪيو هو هن ڏک جو اظهار ڪيو تہ بار بار پاڪستان کي بچائيندڙ صوبي سنڌ تي ئي الزام تراشي ڪئي ويندي آهي. ڪراچي کي ڌار ڪرڻ خلاف ماضي جي تحريڪ وزيراعلي فروري 1948 ع جي ٺهراءُ جو حوالو ڏيندي چيو تہ "کير جو سڙيل لسي بہ ڦوڪي ڦوڪي پيئندو آهي." ماضي ۾ جڏهن ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي مهم هلي تہ محمد هاشم گزدر ان جي خلاف اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو هو جنهن ۾ چٽو ڪيو ويو هو تہ ڪراچي جي علحدگي سنڌ کي اقتصادي ۽ سياسي طور تي پاهہ ڪري ڇڏيندي. ان وقت غير جمهوري وفاقي دستور ساز اسيمبلي سنڌ جي ماڻهن جي جذبن جي ابتڙ جيڪو فيصلو ڪيو اهو پهرين ڏينهن کان ئي غلط هو ۽ اسان اڄ بہ ان کي غلط چئون ٿا. هن قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو تہ 1973 ع جي اصل آئين ۾ هن صوبن کي تحفظ ڏنو هو پر پوءِ آمر ضياءُ الحق اٺين ترميم ذريعي آئين کي مسخ ڪري صوبائي خودمختياري کي نقصان پهچايو هن قومي اسيمبلي کي خبردار ڪيو تہ آئين جي تحت ڪو بہ سنڌ جا ٽڪرا ڪرڻ جي ڳالهہ بہ نٿو ڪري سگهي. آبادي جي بنياد تي ورهاست جو فارمولو رد اپوزيشن جي ان دليل تي تہ آبادي وڌڻ سان نوان صوبا ٺهڻ گهرجن، وزير اعلي چٽو دليل ڏنو تہ جي صوبن جو قيام آبادي تي ٿئي ها تہ پر ضرورت تي ٿيندو. هن آمريڪا جو مثال ڏيندي چيو تہ ڪيليفورنيا جڏهن 1850 ع ۾ آمريڪا ۾ شامل ٿيو تہ ان جي آبادي رڳو 92 هزار هئي ۽ اڄ اتي 4 ڪروڙ آهي، يعني آبادي 400 ڀيرا وڌڻ جي باوجود ڪيليفورنيا جا ٽڪرا نہ ڪيا ويا. هن چيو تہ لاهور جي سيمينار ۾ ويهي پاڪستان کي چوسيندڙ ڪرپٽ واپاري ۽ بزنس مين اهڙا فيصلا ڪري رهيا آهن جيڪي پيپلز پارٽي کي قبول ناهن. مصطفي ڪمال ۽ فاروق ستار جي بيانن تي سخت تنقيد سيد مراد علي شاهہ متحده قومي موومينٽ جي قيادت تي تنقيد ڪندي مصطفي ڪمال جي "ايڊمنسٽريٽو يونٽس" واري فارمولي کي پڌرو ڌوڪو قرار ڏنو. هن چيو تہ مصطفي ڪمال ڊويزنن کي انتظامي اڪائيون بڻائي اصل ۾ چور دروازي کان نوان صوبا ٺاهڻ چاهي ٿو تہ جيئن نوان وزيراعلي بڻجي سگهن. اها "ٻلي جي خواب ۾ ڇيڇڙا" واري ڳالهہ آهي. هن فاروق ستار ۽ خالد مقبول صديقي جي بيانن کي بہ مڪارانہ ۽ تضاد سان ڀريل قرار ڏيندي چيو تہ هي اڳواڻ عوام جي جذبن سان کيڏي رهيا آهن. هن طنز ڪندي چيو تہ جيڪڏهن هر ڊويزن کي صوبو ٺاهڻو آهي تہ پوءِ هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر جو وزير اعلي بڻجي وڃي. اپوزيشن جو ٻهروپ ۽ ايوان مان ڀڄي وڃڻ وڏي وزير اپوزيشن ميمبرن جي نيتيءَ کي "بغل ۾ ڇري، منهن تي رام رام" قرار ڏيندي چيو تہ ايوان جي اندر هي ماڻهو جذباتي تقريرون ڪري سنڌ جي سلامتي جو راڳ ڳائي رهيا هئا، پر جڏهن رولز موجب گڏيل ٺهراءُ جو وقت آيو تہ هي پنهنجي بدنيتي ظاهر ڪندي ايوان مان واڪ آئوٽ ڪري ويا ۽ ڊپ وچان ڀڄي ويا. هن پي ٽي آءِ ۽ ايم ڪيو ايم جي ميمبرن جي چونڊ اڳيان سواليا نشان رکندي چيو تہ انهن مان هڪ بہ عوامي ووٽن سان کٽي ناهي آيو پر هي منٿون زاريون ڪري ۽ راتورات ڪٿان ٻي ٿان اشارا وٺي ايوان ۾ پهتا آهن. ان ڪري هي پنهنجي ووٽرن جي نمائندگي نٿا ڪن. رولز لاڳو ڪرڻ جو مطالبو ۽ پڇاڙي سيد مراد علي شاهہ اسپيڪر سان شڪايت ڪندي مطالبو ڪيو تہ اسيمبلي رولز 220 ۽ 221 تحت ايوان ۾ ٿيل سڀئي غير متعلقہ اجايون ڳالهيون ڪارروائي مان خارج ڪيون وڃن. هن پنهنجي خطاب جي پڇاڙيءَ ۾ جذباتي انداز ۾ چيو تہ سنڌ سان محبت ڪرڻ سان پاڪستان جي محبت گهٽ ناهي ٿيندي پر وڌندي آهي. سنڌ سان دغابازي ڪندڙن جو ووٽ بئنڪ ان ڪري ئي خالي ٿي چڪو آهي ڇو تہ عوام سندن منافقت کي سڃاڻي چڪو آهي. هن چٽو ڪيو تہ اسان رهون يا نہ رهون، سنڌ هميشہ هڪ ۽ قائم رهندي. سنڌ اسيمبلي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو ٺهراءُ پيش ڪرڻ کان اڳ سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي چيو تہ مون ايڊجرنمينٽ موشن پيش ڪندي پهرين ڏينهن ئي چيو هو تہ مقصد اهو آهي تہ اصل ڳالهہ کلي سامهون اچي. هن بحث جو مقصد اهو هو تہ سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي کير جو کير ۽ پاڻي جو پاڻي ٿي وڃي. سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي مختلف ميمبرن مختلف قسم جون ڳالهيون ڪيون. وزيراعليٰ سنڌ بہ نشاندهي ڪئي تہ 2026 ع ۾ منظور ٿيل قرارداد هڪ طرفي هئي. ان کان اڳ بہ سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي قراردادون پيش ڪيون ويون ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن واڪ آئوٽ ڪيو تقريرون پنهنجي جاءِ تي، پر اصل امتحان ووٽنگ وقت ٿيندو آهي. اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر ووٽنگ وقت ڪجهہ ميمبر ايوان مان ٻاهر هليا ويا. سنڌ جي ورهاڱي جي مخالفت جون دعوائون ڪندڙن کي ووٽنگ وقت بہ پنهنجي موقف جو عملي ثبوت ڏيڻ گهرجي. سنڌ جي وحدت جي معاملي تي رڳو تقريرون ڪافي ناهن، ووٽ ذريعي بہ موقف واضح ڪرڻو پوندو اڄ جي ڪارروائي مان واضح ٿي ويو تہ ڪير سنڌ جي وحدت واري موقف تي قائم آهي ۽ ڪير ووٽنگ وقت ايوان مان نڪري وئي.

بقايا *** 02

۽ ايندڙ وقت ۾ اهو پڻ لکيو ويندو تہ التوا واري رٽ ڪهڙي اهم مسئلي تي پيش ڪئي وئي هئي. سنڌ اسيمبلي ۾ اڄ ٿيندڙ بحث پنهنجي تاريخي اهميت رکي ٿو ان ڪري التوا واري رٽ تي ٿيندڙ مڪمل بحث کي ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويندو ايوان ۾ ٿيندڙ هر تقرير ۽ هڪ هڪ لفظ کي تاريخي رڪارڊ جو حصو بڻايو ويندو جڏهن تہ سنڌ جي وحدت جي معاملي تي ٿيندڙ بحث کي تاريخي دستاويز جي صورت ۾ محفوظ ڪيو ويندو هن ڪتاب ۾ التوا واري رٽ تي حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي بينچن سان تعلق رکندڙ سمورن ميمبرن جون تقريرون ۽ سندن موقف شامل ڪيا ويندا، تہ جيئن تاريخ کي مسخ ٿيڻ کان بچائي سگهجي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مڪمل رڪارڊ محفوظ رهي. سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ ايوان ۾ اڳ بيان ڪيل تاريخ ۽ ماضي جي واقعن کي ٻيهر ورجائڻ نٿا چاهيون. ڪيترن مقررين سنڌ جي تاريخ، ماضي ۽ موجوده حالتن تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪري چڪا آهن، جڏهن تہ 1948 ع کان هينئر تائين جي واقعن تي بہ ايوان ۾ تفصيلي روشني وڌي وئي آهي. سنڌ جي تاريخ هڪ وسيع موضوع آهي، تنهن ڪري بهتر ٿيندو تہ اڄ جي بحث ۾ انهن نقطن تي ڳالهہ ڪئي وڃي، جيڪي اڳ ۾ بحث هيٺ نہ آيا آهن. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو سنڌ جي معاملي تي موقف بلڪل واضح آهي ۽ سنڌ حڪومت جو موقف پڻ واضح آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڳ ئي واضح ڪري چڪا آهن تہ نون صوبن جي قيام جو فيصلو لاڳاپيل اسيمبلين کي ڪرڻو آهي. ڪنهن بہ نئين صوبي جي قيام جو فيصلو سنڌ اسيمبلي، پنجاب اسيمبلي يا ڪنهن بہ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي کي ڪرڻو پوندو هر صوبي جي مستقبل بابت فيصلو ان صوبي جي چونڊيل اسيمبلي ذريعي ٿيڻ گهرجي ۽ نون صوبن جي قيام بابت فيصلو لاڳاپيل صوبائي اسيمبلين جو آئيني مينڊيٽ آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ آئين جي آرٽيڪل 239 جي ذيلي شق 4 ۾ صوبي جي حدن ۾ تبديلي جي حوالي سان صوبائي اسيمبلي جي ڪردار کي واضح ڪيو ويو آهي. صوبن بابت اهم فيصلا ٽاڪ شوز ۾ نہ، پر چونڊيل اسيمبلين جي فلور تي ٿيڻ گهرجن. نون صوبن جا فيصلا ڪنهن ٽي وي چينل جي ريفرنڊم يا سروي ذريعي ٿي نٿا سگهن ۽ صوبي جي ورهاست يا انتظامي تبديلي جو فيصلو روڊن، جلسن جلوسن ۾ نہ، پر آئيني فورم تي ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن سنڌ جي مستقبل جو فيصلو ٿيڻو آهي تہ اهو سنڌ اسيمبلي جي فلور تي ٿيڻ گهرجي. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ سنڌ اسيمبلي ماضي ۾ پڻ سنڌ جي وحدت بابت ڪيترين ئي قراردادون منظور ڪري چڪي آهي ۽ اڄ التوا واري رٽ کان پوءِ سنڌ جي وحدت بابت هڪ ٻي قرارداد پڻ ايوان ۾ آڻڻ جي اميد آهي. سنڌ جي مستقبل بابت فيصلو عوام جي چونڊيل نمائندن کي آئيني طريقيڪار تحت ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي وحدت جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي جو موقف اڳ بہ واضح ۽ دوٽوڪ رهيو آهي. هن چيو تہ سنڌ جا عوام پاڪستان سان جيتري محبت ڪن ٿا، پنهنجي صوبائي وحدت سان پڻ اوتري ئي محبت ڪن ٿا. پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختياري اسان لاءِ ريڊ لائن آهي، پاڪستان جي آئيني ۽ قانوني حيثيت اسان لاءِ ناقابلِ سمجهوتو آهي ۽ پاڪستان جي وحدت ۽ استحڪام تي ڪو بہ سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي. سنڌ جي سڃاڻپ ۽ پاڪستان سان وابستگي ٻئي اسان لاءِ اهم آهن. اسان پاڪستان کي پنهنجي ريڊ لائن سمجهون ٿا. سينيئر وزير انعام ميمڻ چيو تہ هن ايوان جي ٻنهي پاسن کان ميمبرن جون ڪيترين ئي تقريرون غور سان ٻڌيون آهن. حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي بينچن تان ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ جو هن مشاهدو ڪيو. گڏيل ڪابينا اجلاس کان پوءِ معمول جي بريفنگ دوران ڪانٽس نئين صوبي جي معاملي تي ڪيترائي سوال ڪيا ويا، جن مان ڏهن مان اٺ سوال نئين صوبي جي قيام بابت هئا. هن هر سوال جي جواب ۾ احتياط سان ڳالهائڻ تي زور ڏنو ۽ واضح ڪيو تہ نون صوبن جهڙن حساس معاملن تي صبر، تحمل ۽ ذميواري جو مظاهرو ڪرڻو پوندو حساس سياسي معاملن کي جذبات بدران صبر ۽ تحمل سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ جن سياسي قوتن جون پاليسيون رد ٿي چڪيون آهن، اهي شايد ووٽ بئنڪ لاءِ لساني ڪارڊ استعمال ڪري رهيون آهن. ڪجهہ عنصر پنهنجي سياسي مفادن ۽ ووٽ بئنڪ لاءِ لساني سياست کي ٻيهر زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سنڌ جا عوام بي فڪر رهن، سندن چونڊيل نمائندا سنڌ جي مفادن تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪندا ۽ پنهنجي صوبي جي مفادن جي تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن. هن واضح ڪيو تہ نون صوبن جو معاملو ڪنهن بہ صورت ۾ لساني مسئلو ناهي ۽ سنڌ ۾ اهو سنڌي ۽ مهاجر جو مسئلو پڻ ناهي. سنڌ جي ورهاست جو معاملو سنڌي ڳالهائيندڙن ۽ اردو ڳالهائيندڙن وچ ۾ تڪرار نہ بڻجڻ گهرجي. سنڌ جي مختلف لساني طبقن وچ ۾ اختلاف پيدا ڪرڻ درست ناهي ۽ ڪجهہ عنصر ماضي وانگر هن معاملي کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. لساني ڪارڊ ذريعي سياسي فائدو حاصل ڪرڻ جون ڪوششون سنڌ جي عوام جي مفاد ۾ ناهن. تنهن ڪري سنڌ جي عوام کي لساني بنيادن تي ورهائڻ واري سياست کي رد ڪرڻو پوندو. شرجيل انعام ميمڻ ماضي جي سياسي بيانن جو حوالو ڏيندي چيو تہ 2014 ع ۾ ايم ڪيو ايم جي باني پاران سنڌ ون ۽ سنڌ ٽو جي ڳالهہ ڪئي وئي. 2014 ع ۾ ايم ڪيوايم جي قيادت پاران سنڌ کي ورهائڻ ۽ الڳ صوبي جي مطالبي بابت بيان سامهون آيا. 2015 ع ۾ پڻ ڪراچي کي شهري ۽ ٻهراڙي سنڌ جي تناظر ۾ ورهائڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي، 2016 ع ۾ ايم ڪيو ايم جي هڪ ميمبر پاران سنڌ جي ورهاست ۽ نئين صوبي جي مطالبي جو معاملو اٿاريو ويو. جڏهن تہ 2018 ع ۾ پڻ ايم ڪيوايم پاران سنڌ ۾ نئين صوبي جو مطالبو ٻيهر سامهون آيو. مختلف وقتن تي سنڌ جي ورهاست يا نئين صوبي جي مطالبي بابت ايم ڪيو ايم جي قيادت جا بيان سامهون ايندا رهيا آهن. هن چيو تہ هو اها ڳالهہ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ نہ، پر اڳوڻن بيانن ۽ واقعن جي تناظر ۾ ڪري رهيا آهن.

بقايا *** 03

احتجاج ڪيو ويو. جماعت اسلامي جي سڏ تي سنڌ سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ شٽربند هڙتال ڪئي وئي. لاهور، جيڪب آباد، حيدرآباد، بدين، مٽياري، ٺٽو، ملي، ڪنڊڪوٽ ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ هڙتال دوران مختلف علائقن ۾ احتجاج ڪيو ويو ڪراچي جي علائقن ڪورنگي ۽ سرجاني روڊ تي احتجاج ڪندڙن ٽائر ساڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيا، جنهن سبب آفيسن ڏانهن ويندڙ شهرين کي سخت پريشاني جو منهن ڏسڻو پيو پوليس جي نفري پهچڻ ڪانپوءِ مظاهرين ڇڙ وڇڙ ٿي ويا، جڏهن تہ شهر جي مختلف شاهراهن تي ٽريفڪ جي رواني معمول موجب رهي. هوڏانهن ڪيترن ئي علائقن ۾ صبح سوير کلندڙ هوٽل ۽ ڪاروباري مرڪز پڻ بند رهيا، جنهن سبب روزاني ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿيون.

بقايا *** 04

قائم ڪري ڇڏيا. جڏهن تہ وزيراعليٰ مريم نواز جي زيرو ٽالرنس پاليسي تحت ڪرپشن خلاف ڪريڪ ڊائون بہ شروع ڪيو ويو. تفصيل موجب پنجاب ۾ ڪرپشن جي خلاف گرينڊ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي، انهي سلسلي ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ڪارروائين جي ذاتي نگراني جو فيصلو ڪيو آهي هن عوام کي اپيل ڪئي آهي تہ ڪرپشن، رشوت يا اختيارن جي غلط استعمال جي اطلاع هيلپ لائن تي ڏيو هر شڪايت تي ڪارروائي ٿيندي جڏهن تہ شڪايت ڪندڙ جو نالو ڳجهو رکيو ويندو هن چيو تہ عوام جو هڪ اطلاع ڪرپشن ۽ رشوت خوري جو سمورو نيٽ ورڪ بي نقاب ڪري سگهي ٿو. لٽيل رقم جي مڪمل ريڪوري تائين ڪارروائي ختم نہ ٿيندي پنجاب جي وزيراعليٰ پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو تہ ڪرپشن صرف پئسن جي چوري نہ، پر عوام جي حق ۽ اعتماد جي چوري پڻ آهي. ترقياتي منصوبن جي نگراني لاءِ جديد مانيٽرنگ نظام استعمال ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو تہ عوام جو ڀروسو حڪومت جو سڀني کان وڏو اثاثو آهي. انهي تي سمجهوتو نہ ڪيو ويندو ترقياتي منصوبن جو هر هڪ پئسو شفاف طريقي سان خرچ ٿيندو تہ ڪنهن کي بہ معافي نہ ملندي. پنجاب جي وزيراعليٰ اعلان ڪيو تہ سلي ڪمر تي سي اي ايم ميرٽ بيج جڏهن تہ ڪرپشن تي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو عوام جو پئسو خرد برد ڪندڙ هر شخص ساڳئي جي پليان هوندو ڪرپشن ڪيسز ۾ عهدي تعلق يا سفارش ڪنهن کي بہ بچائي نہ سگهندي.

بقايا *** 05

راولپنڊي (م ر) سيڪيورٽي فورسز پاڪ افغان سرحد ويجهو دهشتگردن جي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي ڀارتي حمايت يافتہ 15 دهشتگردن کي جهنم رسيد ڪري ڇڏيو پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5 سرحد ويجهو ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، جن کي سيڪيورٽي فورسز پيشه ورانه انداز ۾ ڪاميابي سان نشانو بڻايو آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ فتنہ الخوارج جي دهشتگردن خلاف ڪارروائي 36 ڪلاڪن تائين جاري رهي، مارجي ويل خارجين وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو آءِ ايس پي آر موجب، افغان طالبان حڪومت دهشتگرد تنظيم کي افغان سرزمين استعمال ڪرڻ کان روڪڻ، اثرائتو سرحدي انتظام يقيني بڻائڻ ۽ پنهنجي عالمي ذميوارين کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. آءِ ايس پي آر چيو تہ سيڪيورٽي فورسز ملڪي سرحدن جي دفاع لاءِ پرعزم آهن، جڏهن تہ ڀارتي حمايت يافتہ خارجين جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. آءِ ايس پي آر چيو تہ پاڪ فوج پرڏيهي سرپرستي ۽ انهن جي حمايت يافتہ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ دهشتگردي خلاف مهم جاري رهندي.

بقايا *** 06

۾ محبوب الزمان ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص مددگار راجوير سنگهہ سوڍا، سيڪريٽري زراعت محمد زمان ناريجو، روينيو کاتي، سنڌ بئنڪ ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي زراعت واري وزير سردار محمد بخش خان مهر چيو تہ آبادگارن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ مختلف تجويزن ۽ آپشنز جو جائزو ورتو پيو وڃي. ذيلي ڪميٽي جي ميمبرن کان ڊي اي پي سبسڊي بابت وڌيڪ تجويزون پڻ طلب ڪيون ويون آهن. هن چيو تہ ڊي اي پي سبسڊي جي معاملي تي ذيلي ڪميٽي جا وڌيڪ هڪ يا ٻہ اجلاس پڻ منعقد ڪيا ويندا. آبپاشي واري وزير جام خان شورو چيو تہ ايندڙ اجلاسن ۾ ميمبرن جي تجويزن ۽ سفارشن کي حتمي شڪل ڏني ويندي، جڏهن تہ ذيلي ڪميٽي جون حتمي سفارشون وڌيڪ اجلاس ڪانپوءِ منظوري لاءِ سنڌ ڪابينا آڏو پيش ڪيون وينديون. صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهہ ۽ مخدوم محبوب الزمان چيو تہ آبادگارن کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي.

بقايا *** 07

چيو تہ ايم ڪيو ايم هن وقت بدترين شڪار آهي. جماعت اسلامي هن شهر ۾ نئين ايم ڪيو ايم بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن چيو تہ سنڌ اسيمبلي ۾ تحريڪ التوا کان پوءِ جيڪا قرارداد ايندي انهي جي نتيجي ۾ جيڪو انهي جي حق ۾ جيڪو انهي جي مخالفت ۾ ووٽ ڏيندو عوام جي سامهون ظاهر ٿي ويندو ڪيترائي چهرا بي نقاب ٿيندا ۽ ڪيترين ئي سياسي پارٽين جو سنڌ مان سياست جو خاتمو بہ ٿي ويندو سعيد غني چيو تہ انتظامي يونٽس جو راڳ ڪري جيڪڏهن ڪو چاهي ٿو تہ هن صوبي ۾ 6 وزيراعليٰ هوندا تہ ٻڌي وٺو تہ سنڌ صوبي ۾ هڪ ئي وڏو وزير، هڪ ئي گورنر هڪ ئي اسيمبلي ۽ هڪ ئي ڪابينہ هوندي انهي کان سواءِ ٻي ڪا بہ ڳالهہ نٿي ٿي سگهي. هن چيو تہ مان اها ڳالهہ ڪافي وقت کان چئي رهيو آهيان تہ اها تمام گهڻي افسوسناڪ ڳالهہ آهي.

بقايا *** 08

ڪمپيوٽر سيٽ غائب ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، جنهن ڪانپوءِ معاملي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي. اسٽور روم ۾ ڪمپيوٽرن جا خالي ڪارٽن ۽ پيڪنگ موجود مليا، جڏهن تہ ڪمپيوٽر سيٽن جو ڪو پتو نہ پئجي سگهيو ذريعن موجب ايف بي آر هيڊڪوارٽر طرفان 20 نوان ڪمپيوٽر سيٽ ڪسٽمز اپريزمنٽ ايسٽ ڪليڪٽرٽ کي فراهم ڪيا ويا هئا، جيڪي ڪسٽمز هائوس ڪراچي جي اسٽور روم ۾ رکيا ويا هئا. 5 آگسٽ 2026 ع تي اسٽور روم کولڻ ۽ معائنو ڪرڻ تي 20 ڪمپيوٽر سيٽ اتي موجود نہ هئا. اسٽور روم جي مڪمل تلاشي باوجود ڪمپيوٽر هٿ نہ اچي سگهيا، جنهن تي معاملو اعليٰ اختيارين جي علم ۾ آندو ويو ذريعن موجب اپريزمنٽ ايسٽ ڪليڪٽرٽ جي ڊپٽي ڪليڪٽر هيڊڪوارٽرز واقعي جي جاچ لاءِ ڪسٽم انفورسمنٽ کي خط موڪليو، جنهن ۾ ڪمپيوٽرن جي گم ٿيڻ واري معاملي ۾ ڪسٽمز جي ڪجهہ اهلڪارن جي ممڪنہ غفلت ۽ ڪردار جو بہ جائزو وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 09

ر تان مبينا هٿياربندن حملو ڪري ڳوٺ جي چڱي مڙس موج علي لنڊ کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو جڏهن تہ رشيد احمد لنڊ سخت زخمي ٿي پيو وارثن موجب نثار احمد لنڊ چيو تہ موج علي لنڊ ۽ رشيد احمد لنڊ هاءِ ڪورٽ ۾ حاضري لاءِ گهران روانا ٿي رهيا هئا تہ رستي ۾ لڪل هٿياربندن مٿن حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني. فائرنگ جي نتيجي ۾ موج علي لنڊ گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن تہ رشيد احمد لنڊ سخت زخمي ٿي پيو. زخمي رشيد احمد لنڊ کي ڳنڀير حالت ۾ سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي، وارثن جو چوڻ آهي تہ لنڊ برادري اندر هلندڙ پراڻي تڪرار سبب اڳ بہ جاني نقصان ٿي چڪو آهي. سندن موجب ٽي سال اڳ ٽن ڄڻن جي قتل واري واقعي ڪانپوءِ پلاٽ طور هي واقعو پيش آيو آهي واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو، جڏهن تہ پوليس پاران واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي.

بقايا *** 10

د اسڪول جي ٻاهر جمع ٿي ويا، شاگردن روڊ بند ڪري احتجاج ڪيو ۽ بعد ۾ شاگرد ٻاهر اسيمبلي لڳائي وئي جنهن ۾ استاد بہ شريڪ ٿيا. ڏهلي گورنمينٽ گرلز اسڪول هڪ ڏينهن جي بندش کان پوءِ اڳاري کان کلي چڪو آهي پر ڏهلي بوائز اسڪول چئن ڏينهن کان بند آهي. ڏهلي بوائز اسڪول جا 800 شاگرد چئن ڏينهن کان تعليم کان محروم آهن. استادن موجب اسڪول جو وقت صبح ساڍي 7 وڳي آهي پر پرنسپل علي خان ميرجت صبح 9 وڳي تائين اسڪول تي پهتو استادن جو چوڻ هو تہ هو شاگردن سان گڏ صبح ساڍا 7 وڳي کان اسڪول جي ٻاهر موجود آهن ۽ آئنده جي لائحہ عمل لاءِ پرنسپل جو انتظار ڪري رهيا آهن. عورت استاد اسڪول جي ٻاهران شاگردن جي حاضري بہ ورتي، جڏهن تہ شاگرد روڊ تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. هڪ والده طرفان اسان جو اسڪول واپس ڪريو جا نعرا لڳيا جنهن جو شاگردن طرفان بہ جواب ڏنو ويو.

بقايا *** 11

ٿيون اجلاس وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪيترن ئي اهم تدريسي ۽ نصابي معاملن جو جائزو وٺي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ خاص طور تي هائر ايجوڪيشن ڪميشن (هيڪ) جي پاليسين سان هم آهنگ ڪندي تعليمي پروگرامن کي جديد بڻائڻ، آئوٽ ڪم بيسڊ ايجوڪيشن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ، نوان ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرام متعارف ڪرائڻ ۽ مختلف شعبن جي اسڪيمن ۽ ڪورس مواد ۾ ترميم ڪرڻ تي غور ڪيو ويو اڪيڊمڪ ڪائونسل چار سالا بيچلر آف فائن آرٽس ۽ ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرام جي نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز جي منظوري ڏني، جيڪي 2025 ع کان شروع ٿيندڙ بيچز لاءِ لاڳو ٿيندا. اهي اسڪيمون هيڪ جي انڊر گريجوئيٽ ايجوڪيشن پاليسي 2025 ع ۽ نظرثاني ٿيل فائن آرٽس نصاب مطابق تيار ڪيون ويون آهن ان سان گڏ فائن آرٽس شعبي جي اٺين سيمسٽر جي فائنل ٿيسز پروجيڪٽن جي جاچ ۽ پڙتال جي معيار جي پڻ منظوري ڏني وئي. آرڪيٽيڪچر شعبي بابت ڪائونسل، بيچلر آف آرڪيٽيڪچر پروگرام جي ٽئين کان پنجين سال تائين نظرثاني ٿيل ڪورس مواد، پروگرام ايجوڪيشنل آبجيڪٽوز، پروگرام لرننگ آئوٽ ڪمز ۽ 2025 ع کان شروع ٿيندڙ بيچز لاءِ نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز جي منظوري ڏني. پهرين سال جي پهرين ۽ ٻي سيمسٽر جي ڪورس مواد جي پڻ منظوري ڏني وئي.

بقايا *** 12

در جنيد اڪبر صوبائي وزيرن مينا خان آفريدي، شفيع جان، ايم اين اي عامر ڊوگر، عادل بازئي سميت ٻيا مرڪزي اڳواڻ پڻ ساڻس گڏ سنڌ پهتا پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مسرور سيال، ميان محمد اسلم، مير افتخار لنڊ سميت صوبائي قيادت ۽ ٻين اڳواڻن وزيراعليٰ خيبرپختونخوا ۽ مرڪزي اڳواڻن جو استقبال ڪيو سهيل آفريدي رحيم يارخان ايئرپورٽ کان ريلي جي صورت ۾ سنڌ_پنجاب سرحد ڪموں شهيد پهتو جتي پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۽ شهرين پاران سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ڪموں شهيد تي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي سنڌ جي عوام جا ٿورا مڃيندي چيو تہ سنڌ جي غيرتمند عوام اڳ بہ بهترين استقبال ڪيو هو پر هن ڀيري عوام جو جوش ڏسي محسوس ٿي رهيو آهي تہ استقبال جا سمورا رڪارڊ ٽٽڻ وارا آهن سهيل آفريدي چيو تہ سنڌ جي عوام کي خبر آهي تہ سنڌ تي مسلسل ڪنهن جي حڪومت آهي ۽ عوام اهو بہ ڏسي رهي آهي تہ عوام سان ڪيتريون زيادتيون ٿي رهيون آهن. سنڌ کي سندس حق ۽ ترقيءَ جو حق نہ ڏنو پيو وڃي. عوام جو جذبو ٻڌائي رهيو آهي تہ سنڌ ۾ زرداري راڄ جو خاتمو ٿيڻ وارو آهي. هن چيو تہ تمام جلد سنڌ جي عوام کي سندس حق عمران خان ڏياريندو، پي ٽي آءِ سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ جي عوام بہ عمران خان سان گڏ بيٺل آهي وزيراعليٰ خيبرپختونخوا چيو تہ 27 سيپٽمبر تي عمران خان قوم جو انتظار ڪندو ڇا قوم تيار آهي؟ 27 سيپٽمبر جي تيارين جي سلسلي ۾ جاري اسٽريٽ موومينٽ اڄ سنڌ جي ڌرتيءَ ۾ داخل ٿي رهي آهي.

بقايا *** 13

د پردي کان مختلف معاملن بابت تفصيلي سوال جواب ڪيا ويا. ڪميشن مير رضا جي ڪمري ۾ مبينا طور چرس جي موجودگي جو ذڪر ڪرڻ ۽ ڪمري جي تلاشي واري معاملي تي احمد پردي کان لڳاتار سخت سوال ڪيا جوڊيشل ڪميشن جي سربراهہ جسٽس عمر سيال جي صدارت هيٺ ٿيندڙ ڪارروائي ۾ مير رضا جا وارث پنهنجي وڪيل جبران ناصر سان گڏ شريڪ ٿيا. سنڌ حڪومت جو فوڪل پرسن ايڊيشنل سيڪريٽري گهرو کاتو، ايس ڊي پي او شاهراهہ فيصل ارشد آفريدي ۽ ايس ايچ او فيروز آباد عديل افضل پڻ موجود هئا. مير رضا جو بزنس پارٽنر احمد پردي، عبدالله، دوست رازق، حيسم ۽ ڪين رائيڊز فراهم ڪندڙ ڊرائيور احسان علي پڻ ڪميشن آڏو پيش ٿيا سماعت دوران ڪميشن احمد پردي کان مير رضا سان سندس تعلق ۽ ڪاروباري معاملن بابت سوال ڪيا. احمد پردي ٻڌايو تہ هو مير رضا کي پهرين جماعت کان سڃاڻندو هو ۽ ٻنهي ڪاليج تائين گڏ تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ ٻنهي مختلف ايونٽس ۾ بہ گڏجي ڪم ڪيو ۽ 2020 ع ۾ گڏيل ڪاروبار شروع ڪيو احمد پردي موجب، سندن ڪاروبار جون ٻہ ڊيزرٽ شاپ برانچون ۽ ڪلائوڊ ڪچن هئا.

بقايا *** 14

مقرر ٿيو هو ڪيس 2036 ۾ رٽائرڊ ٿيڻو هو جسٽس راحيل ڪامران شيخ چيو آهي تہ جج جي عهدي تي خدمتون انجام ڏيڻ اعزاز ۽ فخر جوڳو رهيو، استعيفيٰ کان پوءِ قانوني اسڪالر شپ، پاليسي ريسرچ ۽ عدالتي پريڪٽس جو فيصلو ڪيو آهي. جسٽس راحيل ڪامران شيخ موجب عدالتي بينچ تي گذاريل سال پيشہ وارانہ زندگيءَ جا اهم ۽ ڀرپور سال رهيا. آئين ۽ قانون جي حڪمراني سان جڙيل رهڻ جي ارادي سان بينچ ڇڏي رهيو آهيان. جسٽس راحيل ڪامران شيخ استعيفيٰ جي ڪاپي رجسٽرار لاهور هاءِ ڪورٽ کي پڻ موڪلي ڇڏي. جسٽس راحيل ڪامران شيخ لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس مان گريجوئيٽ ڪيو هو مڊل ٽيمپل جو بيريسٽر آهي هو مئي 2021 ع ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جو جج جي طور تي خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي. هاءِ ڪورٽ جو جج بڻجڻ کان پهريان هن پاڪستان بار ڪونسل ۾ پنج سال 2016_202 جي لاءِ ميمبر چونڊيو هو ۽ بار ڪونسل جي انساني حقن واري ڪميٽي جو سربراهہ بہ هو هو سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر سينئر وڪيل اڪرم شيخ جو پٽ آهي.

بقايا *** 15

اءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ڪراچي پيٽروليم ليوي، مهانگائي ۽ عام عوام کي پيش ايندڙ مشڪلاتن خلاف جماعت اسلامي طرفان اعلان ٿيل شٽرڊائون ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ هڙتال جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ڪراچي جي صدر محمد حسيب جمالي طرفان جاري ڪيل نوٽيس موجب، پيٽروليم ليوي ۽ وڌندڙ مهانگائي سبب عام عوام، خاص طور تي ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيتن جو گذر سفر سخت متاثر ٿي رهيو آهي اعليٰ عدالتي وڪيلن جي تنظيم عوام سان ايڪي طور هن احتجاجي هڙتال جي حمايت جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ بار پاران ميمبر وڪيلن کي درخواست ڪئي وئي آهي تہ اهي خميس، 3 سيپٽمبر 2026 ع تي عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪن ۽ عدالتن ۾ پيش ٿيڻ کان پاسو ڪن. بار ايسوسيئيشن موجب، عوامي يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ منجهند ٻين وڳي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي عمارت کان گورنر هائوس تائين هڪ يڪجهتي ريلي بہ ڪڍي ويندي.

بقايا *** 16

کان انڪار ڪري ڇڏيو ياسين ملڪ سرينگر جي عدالت ۾ 25 صفحن تي ٻڌل حلف نامو جمع ڪرائي ڇڏيو جنهن ۾ ياسين ملڪ جا 24 آگسٽ تي ڏنل لکت وارا بيان بہ شاهدين جو حصو قرار ڏنا ويا آهن. ياسين ملڪ حلف نامي ۾ چيو آهي تہ ڀارتي حڪومت 36 سالن کانپوءِ ڪيس هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ملوث ڪري ڦاهي ڏيڻ جي سازش ڪري رهي آهي. ڀارتي عدالتن مان انصاف جي اميد ناهي، عدالت موت جي سزا ڏئي تہ اها ڪشمير لاءِ قبول آهي، جڏهن تہ عدالتي سزا قبول ڪرڻ جو مطلب مٿس مڙهيل ڏوهہ کي قبول ڪرڻ ناهي. حلف نامي ۾ ياسين ملڪ 1990 ع جي سرلا پٽ قتل ڪيس ۾ ملوث هجڻ جي الزام کي سختي سان رد ڪيو. ڪيس سرلا پٽ جي لاش وٽان مليل مبينا جي ڪي ايل ايف نوٽ جي بنياد تي ڪيس شامل ڪيو ويو هو.

بقايا *** 17

واري اپيل رد ڪري ڇڏي آهي. واضح رهي تہ آمريڪي ناڻي واري وزير تازو چيو هو تہ "اسان ايران تي غير معمولي پابنديون لاڳو ڪري رهيا آهيون. هن تڪرار کي ختم ڪرڻ جو تيز ترين طريقو اهو آهي تہ ڪو بہ ايراني حڪومت جي مدد نہ ڪري." جڏهن تہ چين ۽ روس سميت ڪجهہ ملڪن ان موقف تي سخت ردعمل ظاهر ڪيو آهي. آمريڪي حڪومت ايران تي معاشي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ وڌيڪ پابنديون جو بہ اشارو ڏنو آهي. برطانوي ميڊيا موجب، ڪريملن جي ترجمان دمتري پيسڪوف خميس ڏينهن چيو تہ "اسان جا پائيدار ۽ دوست موجود آهن ۽ اسان انهن سان پنهنجا دوستاڻا ۽ پارٽنرشپ تي ٻڌل لاڳاپا برقرار رکنداسين ۽ وڌيڪ مضبوط بڻائينداسين." هن وڌيڪ چيو تہ آمريڪا اهڙي پوزيشن ۾ ناهي جو ٻين ملڪن جي لاڳاپن تي "اجارا داري" قائم ڪري.

بقايا *** 18

عالمي بانڊ مارڪيٽ مان حاصل ڪيل سڀ کان وڏي رقم آهي. حڪومت موجب، هن بانڊ لاءِ سڄي دنيا جي ادارتي سيڙپڪارن طرفان اٽڪل 6 ارب ڊالر جا آرڊر وصول ٿيا، جيڪي جاري ڪيل رقم کان لڳ ڀڳ ٻيڻا آهن. ناڻي واري وزارت جي پڌرائي موجب، اها اڳڀرائي پاڪستان جي عالمي سرمائي جي مارڪيٽن تائين ٻيهر پهچ ۽ عالمي سيڙپڪارن جي وڌندڙ اعتماد ڏانهن اشارو آهي. بيان ۾ چيو ويو آهي تہ اها رقم مختلف مدي وارن ٻن يورو بانڊز ذريعي حاصل ڪئي وئي آهي. پهرين مرحلي ۾ 5 سال ۽ 6 مهينن جي مدي لاءِ هڪ ارب 75 ڪروڙ ڊالر جو يورو بانڊ جاري ڪيو ويو آهي،

بقايا *** 19

(پي ٽي اي) جي چيئرمين اهم انڪشاف ڪيو اجلاس دوران پي ٽي اي جي چيئرمين ٻڌايو تہ نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) سان گڏ ڇاپن دوران 6 لک ماڻهن جا بائيو ميٽرڪ برآمد ٿيا هن ٻڌايو تہ سائبر ڪرائم اداري سان گڏجي 125 ڇاپا هنيا ويا، جن دوران 25 هزار سمون برآمد ڪيون ويون ۽ 171 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو پي ٽي اي جي چيئرمين چيو تہ بائيو ميٽرڪ جو رڪارڊ جتي موجود آهي، اتان ئي ليڪ ٿئي ٿو تنهن ڪري سڪيورٽي فيچرز ۾ وڌيڪ بهتري آڻڻي پوندي، گذريل اڍائي سالن دوران 18 لک سمون بلاڪ ڪيون ويون آهن، جڏهن تہ نادرا سان گڏجي سسٽم کي بہ اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي. هن چيو تہ موبائل ڪمپنين کي بہ ان عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هڪ سڃاڻپ ڪارڊ تي 5 سمن کان وڌيڪ سمون حاصل نٿيون ڪري سگهجن. ان موقعي تي خواجا اظهار الحسن چيو تہ غيرقانوني سمن جي ڪري دهشتگردي ۽ ڀتا خوري جهڙن واقعن ۾ واڌ ٿي آهي، برطانوي سمون بہ هتي اشتهار ڏئي وڪرو ڪيون پيون وڃن. مملڪتي گهرو وزير چيو تہ هاڻي تہ ملڪ ۾ بئنڪ اڪائونٽ بہ ڪرائي تي ملي رهيا آهن. ماڻهن کي خبر هوندي آهي تہ فراڊ جا پئسا اچڻا آهن، ان باوجود اڪائونٽ فراهم ڪيو وڃي ٿو هن چيو تہ پي ٽي اي کي پاڻ بہ سڪيورٽي فيچرز وڌائڻ لاءِ قدم کڻڻ گهرجن، ٽيلي ڪام ڪمپنين ۽ اسٽيٽ بئنڪ کي بہ اضافي سڪيورٽي فيچرز متعارف ڪرائڻا پوندا، جيستائين اهڙا قدم نہ کنيا ويندا، تيستائين اهڙا واقعا ٿيندا رهندا.

بقايا *** 20

لدارن شرڪت ڪئي. اجلاس کي بريفنگ دوران ٻڌايو ويو تہ مجوزه ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ واپار جي مڪمل سپلاءِ چين ۾ بهتري آڻڻ ۽ سرحد پار واپار سان لاڳاپيل نان ٽيرف معاملن بابت اهم فيصلا ڪندو بورڊ واپار جي فروغ لاءِ روڊ ميپ، ٽريڊ فيسليٽيشن انڊيڪس ۽ نگراني بابت جامع حڪمت عملي پڻ ترتيب ڏيندو وزيراعظم ملڪ جي بندرگاهن جي ڪارڪردگي ۽ استعداد ۾ بهتري آڻڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪم ڪرڻ ۽ مختلف ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ جي هدايت ڪئي، ورڪنگ گروپ بندرگاهن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ، لاڳاپيل ادارن وچ ۾ هم آهنگي وڌائڻ، ريگوليٽري فريم ورڪ تي عملدرآمد ۽ واپاري عمل کي وڌيڪ آسان بڻائڻ لاءِ ڪم ڪندا. وزيراعظم درآمد ڪندڙن ۽ برآمد ڪندڙن لاءِ بندرگاهن تي مال جي ترسيل، ڪليئرنس ۽ ٻين معاملن ۾ وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو تہ جاري سڌارن تحت پورٽ چارجز ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ جهازن جي آمد کان اڳ گڊز ڊڪليئريشن جمع ڪرائڻ جي سهولت ۾ پڻ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي.

بقايا *** 21

اچڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ دهشتگردي کي امن ۽ ترقي جي رستي تي رنڊڪ بڻجڻ جي اجازت نہ ٿي ڏئي سگهجي بلاول ڀٽو ڪارروائي ۾ ڀارتي اسپانسرڊ 15 دهشتگردن جي مارجڻ تي جوانن جي پيشه ورانہ مهارت کي ساراهيو هن چيو تہ اسان جي سيڪيورٽي فورسز جون عقابي نگاهون ۽ قربانيون پاڪستان لاءِ هڪ مضبوط ڍال آهن هن چيو تہ پاڪستان جي خلاف ڀاڙيسري زمين جي استعمال کي روڪڻ لاءِ موثر قدم اٿڻ آهي بلاول چيو تہ دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پوري قوم بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا *** 22

۽ عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽ مان مجموعي طور 3 ارب ڊالر حاصل ڪري ورتا آهن، جنهن کي ناڻي واري وزارت عالمي معاشي ميدان ۾ پاڪستان جي اهم ڪاميابي ۽ عالمي سيڙپڪارن جي اعتماد جي بحالي جو مظهر قرار ڏنو آهي ناڻي واري وزارت موجب، پاڪستان پهريون ڀيرو هڪ ئي وقت ۾ 3 ارب ڊالر ماليت جا يورو بانڊ جاري ڪيا، جن ۾ ساڍا 5 سالن واري بانڊ ذريعي 1.75 ارب ڊالر جڏهن تہ 10 سالن واري بانڊ ذريعي 1.25 ارب ڊالر حاصل ڪيا ويا اختيارين موجب، ساڍا 5 سالن واري يورو بانڊ لاءِ 7.50 سيڪڙو ڪوپن ريٽ مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ 10 سالن واري يورو بانڊ تي 7.90 سيڪڙو ڪوپن ريٽ مقرر ڪيو ويو بانڊز جي جاري ڪرڻ لاءِ پاڪستان کي لڳ ڀڳ 6 ارب ڊالر جون آڇون مليون، جيڪي عالمي سيڙپڪارن پاران پاڪستاني معيشت تي اعتماد ۽ واڌ جي عڪاسي ڪري ٿو ناڻي واري وزارت چيو تہ يورو بانڊ جي ڪامياب اجرا پاڪستان جي عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن تائين ٻيهر رسائي جي حوالي سان اهم اڳڀرائي آهي.

بقايا *** 23

پاڪستان جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر محترمہ فريال ٽالپور چيو آهي تہ نثار کهڙو پاران پيش ڪيل التوا واري تحريڪ سنڌ اسيمبلي جي سڀني ميمبرن کي هڪ انتهائي اهم معاملي تي گڏ ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي. التوا واري تحريڪ ذريعي ايوان ۾ سنڌ جي وحدت سان لاڳاپيل معاملي تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ممڪن ٿي ۽ اڄ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اسيمبلي ميمبرن وڏي انگ ۾ ايوان ۾ موجود آهن. هن اميد ظاهر ڪئي تہ اپوزيشن بينچز تي ويٺل ميمبر بہ هن اهم معاملي تي التوا واري تحريڪ جي حمايت ڪندا، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي وحدت جي معاملي تي حڪومت ۽ اپوزيشن کي گڏجي هڪ واضح ۽ دوٽوڪ موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. سنڌ اسيمبلي ۾ التوا واري تحريڪ تي خيالن جو اظهار ڪندي فريال ٽالپور چيو تہ سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ انتهائي پريشان ڪندڙ ۽ تشويشناڪ آهي. اسان مان ڪو بہ سنڌ جي ورهاڱي يا نون صوبن جي قيام جي حق ۾ نہ آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جو واضح ۽ غير متزلزل عزم آهي تہ سنڌ کي ورهاڱو ٿيڻ نہ ڏنو ويندو. سنڌ جي ورهاڱي جي معاملي تي اسان سڀ متحد ۽ هڪ زبان آهيون ۽ سنڌ جو بار بار پنهنجي ڌرتي جي وحدت جي تحفظ لاءِ بيٺل آهي. هن چيو تہ سنڌ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ورهاڱي کي قبول نہ ڪيو ويندو سنڌ جا ماڻهو سنڌ جي ورهاڱي خلاف متحد آهن ۽ اسان واضح طور تي چئون ٿا تہ سنڌ هڪ آهي ۽ ان کي ورهاڱو ٿيڻ نہ ڏينداسين. فريال ٽالپور چيو تہ اسان سنڌ جي وحدت ۽ سالميت جي هر صورت ۾ حفاظت ڪنداسين. اسان پاڪستاني آهيون.

بقايا *** 24

ورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشن تي پاڪ فوج جي جوانن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي تہ پاڪ فوج هڪ ڀيرو ٻيهر دشمن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائي ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ وطن جو دفاع مضبوط هٿن ۾ آهي وفاقي وزير پنهنجي بيان ۾ واضح ڪيو تہ پاڪستان کي سرحدن تي دهشتگردي جا ٻہ طرفو چيلينجز آهن پر وطن جي دفاع لاءِ اسان جي هٿياربند فوج هر وقت تيار آهي دهشتگردن جي خلاف بروقت ڪارروايون امن دشمنن لاءِ واضح پيغام آهي تہ پاڪستان ۾ فتنو ۽ فساد ڦهلائيندڙ ڪر ڇٽي ويندو.

بقايا *** 25

فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. پهرين کان 30 سيپٽمبر تائين گاڏين جي ماحولياتي چڪاس ڪئي ويندي. گدلاڻ پکيڙيندڙ گاڏين تي لال اسٽيڪر لڳايا ويندا، جڏهن تہ گاڏي ۾ موجود خرابي 15 ڏينهن اندر درست نہ ڪرڻ جي صورت ۾ گاڏي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 26

(PSWF) ۽ اسپورٽس جرنلسٽس ايسوسيئيشن آف سنڌ (SJAS) جي وفد گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي، وفد جي اڳواڻي PSWF جي سيڪريٽري جنرل محمد اصغر عظيم ڪئي، جڏهن تہ نائب صدر عبيد اعوان، آصف خان، SJAS جي صدر محمود رياض، سيڪريٽري SJAS مجاهد علي سولنگي سميت ٻيا عهديدار پڻ شريڪ هئا. ملاقات دوران اسپورٽس جرنلسٽن کي درپيش مسئلن، پيشہ ورانہ معاملن، صحافتي سهولتن، اسپورٽس ميڊيا جي ڪردار ۽ رانديگرن جي فروغ بابت مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا *** 27

ي قانون جي بنيادي اصولن جي سنگين ڀڃڪڙي ۽ جنگي ڏوهہ آهي. ايران جي سفير ۽ ڊپٽي هيڊ آف مشن غلام حسين درزي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس کي لکيل خط ۾ پهرين سيپٽمبر تي ٿيل آمريڪي حملن جو حوالو ڏيندي چيو آهي تہ ڏکڻ ايران جي ڪيترن ئي شهرن ۾ شهرين ۽ شهري هدفن تي اهي حملا جاڻي واڻي ڪيا ويا. ايراني اختيارين چيو آهي تہ مارچ 1404 ع ۾ تازو جنگ شروع ٿيڻ کان وٺي "آمريڪا بار بار شهرين، شهري هنڌن ۽ اهم بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻايو آهي، جن ۾ اسڪول، اسپتالون، هوائي اڏا، رهائشي علائقا، پل، روڊ ۽ ريلوي جون سهولتون شامل آهن." ياد رهي تہ هرمزگان ۾ امدادي اختيارين موجب، ڪوهستڪ تي حملي ۾ هڪ ٻار سميت چار ڄڻا مارجي ويا، جڏهن تہ 60 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا. ٻئي پاسي آمريڪا شهرين کي نشانو بڻائڻ جي ترديد ڪندي دعويٰ ڪئي آهي تہ اڳاري جي رات ڪيل هوائي حملن ۾ پاسداران انقلاب جا فوجي انفراسٽرڪچر ۽ اڏا نشانو بڻايا ويا.

بقايا *** 28

يٽي جو اعلان ٿيو جنهن ۾ چاڪيا سفارشن تي اتفاق ڪيو ويو ڪميٽي جي سفارشن جو مقصد مارڪيٽ جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ ۽ قيمتن جو ڪهڙ وڌ کان تحفظ ڏيڻ آهي ڪميٽي جي حتمي سفارشون جلد وزيراعظم کي پيش ڪيون وينديون هنگامي حالتن ۾ ڊيزل جي قيمتن ۾ غير معمولي اصول طئي ڪيا ويا ڪميٽي پيٽرول جي ڊي ريگوليشن لاءِ جون 2027 جي ممڪنہ هدف جي سفارش ڪري چڪي پيٽرول جي قيمتن کي آهستي آهستي مسابقتي ۽ مارڪيٽ تي ٻڌل نظام ڏانهن منتقل ڪيو ويندو ڪميٽي انلينڊ فريٽ ايڪولائزيشن مارجن جي تعين لاءِ نظرثاني ٿيل طريقي تي اتفاق ڪيو ۽ اوگرا کي آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين جي ڪارڪردگي تي لکت سفارشون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي.

بقايا *** 29

تفصيل موجب پنجاب ۾ ڪرپشن جي خلاف گرينڊ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي، انهي سلسلي ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ڪارروائين جي ذاتي نگراني جو فيصلو ڪيو آهي. هن عوام کي اپيل ڪئي آهي تہ ڪرپشن، رشوت يا اختيارين کان مٿانهين مانيٽرنگ نظام استعمال ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو تہ عوام جو ڀروسو حڪومت جو سڀني کان وڏو اثاثو آهي. انهي تي سمجهوتو نہ ڪيو ويندو، ترقياتي منصوبن جا فنڊز شفاف طريقي سان خرچ نہ ٿيا تہ ڪنهن کي بہ معافي نہ ملندي. پنجاب جي وزيراعليٰ اعلان ڪيو تہ سلي ڪم تي سي ايم ميرٽ بيج جڏهن تہ ڪرپشن تي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو عوام جو پئسو خرد برد ڪندڙ هر شخص سلاخن جي پٺيان هوندو ڪرپشن ڪيسز ۾ عهدو، تعلق يا سفارش ڪنهن کي بہ بچائي نہ سگهندي.

بقايا *** 30

اسي ٿي رهي آهي. ڍانچاجاتي سڌارا پائيدار اقتصادي استحڪام جي سفر جو هڪ اهم حصو آهي. معاشي استحڪام جي سفر ۾ پاڪستان ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي امداد، حمايت ۽ مدد تي ٿورائتو آهي. ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي اهتمام هيٺ پاڪستان ۾ مالي پائيداريت لاءِ ٽيڪسيشن جي موضوع تي اعليٰ سطح جي ڳالهين واري تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو تہ پاڪستان عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽ ۾ ٻن کان وڏو رڪارڊ آهي، هي ڪريڊٽ ريٽنگ جي ٽن عالمي. ناڻي واري وزير چيو تہ يورو بانڊز لاءِ عالمي سيڙپڪارن طرفان اٽڪل 6 ارب ڊالر جون آڇون مليون جيڪي جاري ڪيل بانڊز جي ماليت کان اٽڪل ٻيڻ تي وڌيڪ آهن. ان ڪانسواءِ ٽرانزيڪشن ۾ دنيا جي مختلف خطن، ايشيا، وچ اوڀر، يورپ، آمريڪا سان تعلق رکندڙ متنوع اداره جاتي سيڙپڪارن ڀرپور دلچسپي جو اظهار ڪيو، جيڪو عالمي مالياتي منڊين ۾ پاڪستان تي سيڙپڪارن جي بحال ٿيندڙ اعتماد جي اهم علامت آهي.

بقايا *** 31

ٿي سگهيا آهن، نہ ئي مارڪيٽ جو ملٻو مڪمل طور هٽايو ويو آهي، نہ تعمير نو جو عمل شروع ٿي سگهيو آهي ۽ نہ ئي متاثر دڪاندارن ۽ مالڪن کي معاوضو ملي سگهيو آهي متاثر دڪانن جي هڪ بيواهہ مالڪ عورت حڪومت کي هٿ ٻڌي اپيل ڪندي عورت ٻڌايو تہ هوءَ شگر ۽ جگر جي مرض ۾ مبتلا آهي، سندس اپيل آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ مارڪيٽ جو ملٻو ئي هٽايو وڃي. هڪ ٻي عورت شڪايت ڪئي تہ حڪومت طرفان ساڻس ڪو بہ رابطو نہ ڪيو ويو آهي متاثرن موجب ڪراچي چيمبر طرفان فارم ڀرايو ويو هو، جڏهن تہ مئي مهيني ۾ آن لائن فارم پڻ جمع ڪرايو ويو پر اڃا تائين ان تي ڪا بہ ڪارروائي نہ ٿي آهي. هنن چيو تہ ڪمپنين مان ملندڙ رقم سان ڪنهن حد تائين گذر سفر ٿي رهيو آهي، جڏهن تہ روزمره جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ هتان هتان کان قرض وٺڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا *** 32

ڪورٽ ۾ پمز سانحي تي جوڊيشل انڪوائري لاءِ شهري منير احمد جي درخواست تي ٻڌڻي عدالت درخواست کي پهريان کان ٻڌڻي هيٺ ڪيس سان گڏ ڪري ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ وزيراعظم کي ڏنل رپورٽ ۽ ڪارروائي جي رپورٽ گهري ورتي آهي عدالت پاران وفاق کي پمز سانحي تي تفصيلي جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي عدالت جواب گهريو تہ صحت باتب قائم ڪميٽي جي پمز بابت گذريل سال جي رپورٽ تي ڪارروائي ڇو نہ ڪئي وئي.

بقايا *** 33

س سان ملاقات ڪانپوءِ دلچسپ انداز ۾ سندس واکاڻ ڪئي، جنهن تي مداحن طرفان بہ ڀرپور ردعمل سامهون اچي رهيو آهي. ڪنگ چارلس پاڪستاني رانديگرن کي ساراهيو جڏهن تہ محسن نقوي سان ڳالهہ ٻولهہ دوران پاڪستان ۾ امن ۽ خطي ۾ استحڪام لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيو ملاقات ڪانپوءِ ڳالهائيندي بابر اعظم خوشگوار انداز ۾ چيو تہ "اڄ اصلي ڪنگ سان ملي تمام گهڻي خوشي ٿي." بابر اعظم جو اهو دلچسپ جملو سوشل ميڊيا تي تيزي سان وائرل ٿي ويو مداحن طرفان ان کي خاص طور تي پسند ڪيو پيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ ڪرڪيٽ جا شوقين بابر اعظم کي اڪثر "ڪنگ بابر" جي لقب سان سڏيندا آهن.

بقايا *** 34

جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن جو جائزو وٺندي سمورن ضلعن ۾ ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ۽ اثرائتو بڻائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ سنڌ جي آءِ جي جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل آءِ جيز هيڊڪوارٽرز اسٽيبلشمينٽ ۽ اسپيشل برانچ، ڊي آءِ جيز آپريشن ايس ايس پي، سي ٽي ڊي، اسپيشل برانچ، اي آءِ جيز ڪيماڙي ۽ پي ڊي آءِ جي روبرو شرڪت ڪئي، جڏهن تہ زونل ۽ ڊويزنل ڊي آءِ جيز ۽ ضلعي ايس ايس پيز وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان شهر ۾ امن امان جي صورتحال ۽ ڏوهن خاص طور تي اسٽريٽ ڪرائيم بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو تہ اسٽريٽ ڪرائيم ۾ ملوث گروهن ۽ انهن جي سهولتڪارن خلاف ٽارگيٽڊ ڪارروايون جاري آهن، جڏهن تہ مختلف ڏوهن ۾ ملوث عادي ڏوهارين جو ڊيٽا مرتب ڪري انهن جي گرفتاري لاءِ مربوط حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 35

هرگز قبول نہ ڪئي ويندي. هن چيو تہ سنڌ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي قيام بابت ڳالهين عوام ۾ هڪ نئين بحث کي جنم ڏنو آهي. هڪ طرف سنڌ جي ورهاڱي کان انڪار ڪيو پيو وڃي ۽ ٻئي طرف نون انتظامي يونٽن جي ڳالهہ ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب عوام ۾ مختلف تاثر پيدا ٿي رهيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي هن معاملي تي پنهنجو واضح موقف ڏئي چڪي آهي. سنڌ جي گهرو وزير چيو تہ سنڌ جون جاگرافيائي حدون ۽ وحدت انتهائي حساس معاملو آهي. جڏهن بہ سنڌ جي حدن بابت ڪو مسئلو اٿاريو ويو، سنڌ جي عوام پنهنجي تاريخي حق جي تحفظ لاءِ متحد ٿي آواز اٿاريو جيڪڏهن ڪنهن محدود علائقي جي معاملي تي بہ عوام جا جذبات ايترا شديد ٿي سگهن ٿا تہ سنڌ جي ورهاڱي يا جاگرافيائي حدن ۾ تبديلي جي ڳالهہ ڪيتري حساس هوندي. ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو هن چيو تہ سنڌ کي انتظامي يونٽن جي نالي تي ورهائڻ جي ڪا بہ تجويز قابل قبول ناهي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي جي انتظامي بهتري گهرجي تہ پوءِ انتظامي تبديلي جي ضرورت آهي.

بقايا *** 36

پورا ٿيڻ تائين ڌرڻا جاري رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. حڪومتي ڪميٽي چيو تہ اوهان جا مطالبا جائز آهن پر پيٽروليم شين جون قيمتون عالمي حوالي سان طئي ڪرڻيون پونديون. اسان جي پهرين ترجيح عوام کي رليف ڏيڻ آهي. حڪومتي وفد ۽ جماعت اسلامي جي اڳواڻن ملاقات کان پوءِ صحافين جي سامهون گڏيل پريس ڪانفرنس بہ ڪئي. وفاقي وزير منصوبہ بندي احسن اقبال ڳالهين کان پوءِ گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ چيو تہ حڪومت عوامي مسئلن جي حل لاءِ سنجيدگي سان قدم کڻي رهي آهي. پيٽروليم ليوي جي حوالي سان جماعت اسلامي جي تجويزن کي ٻڌو آهي. هن چيو تہ اسان چاهيون ٿا تہ عوام کي رليف ملڻ گهرجي جيستائين ممڪن ٿيندو حڪومت عوام کي رليف ڏيندي جماعت اسلامي جي تحريڪ عوامي رليف جي لاءِ آهي جنهن تي غور ڪيو ويندو سوالن جا جواب ڏيندي احسن اقبال چيو تہ اها ڳالهہ ذهن ۾ رهي تہ اسان ريڪوري جي طرف آهيون ڇو تہ 4 سال اڳ هي ملڪ ڊيفالٽ تي چڪو هو، عالمي ڪريڊٽ ريٽنگ جا ادارا اسان جي ريٽنگ مسلسل بهتر ڪري رهيا آهن.

بقايا *** 37

۾ هدايت ڪئي تہ يونيورسٽي جي تعمير جي مقرر مدي سان گڏ منصوبي جا تفصيل ايندڙ ٻن هفتن ۾ جوڙي پيش ڪيا وڃن. هن چيو تہ دانش يونيورسٽي قائم ڪرڻ جي پٺيان مرڪزي محرڪات مان اولين، غريب ۽ وچولي طبقي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي عالمي معيار جي تعليم ۽ پيشيوارانہ تربيت جي فراهمي آهي. يونيورسٽي جي آئوٽ ريچ پروگرام ۾ ان عنصر کي اهميت ڏني وڃي تہ معاشي طور تي ڪمزور ۽ وچولي طبقي جي ٻارن کي ان جي آگاهي ۽ پهچ يقيني بڻائي وڃي. اجلاس کي دانش يونيورسٽي جي بورڊ پاران عالمي معيار جي فيڪلٽي ۽ تعمير جي پلان ۽ مرحلن تي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ دانش يونيورسٽي ۾ عالمي يونيورسٽين مان ڊگري يافتہ عالمي شهرت رکندڙ فيڪلٽي جون تدريسي خدمتون حاصل ڪيون وينديون جنهن جي لاءِ فيڪلٽي سان گڏوگڏ آمريڪا جي نالياري ڪاليج جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ قدم حتمي مرحلن ۾ آهن.

بقايا *** 38

اتي ڪم جي رفتار، معيار ۽ منصوبي ۾ حائل انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي تہ سموريون رڪاوٽون فوري طور ختم ڪري منصوبي کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو وڃي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ نجم شاهہ، صحت کاتي جي سيڪريٽري طاهر سانگي، ۾ ٻڌايو ويو تہ لاڙڪاڻي ۾ 600 بسترن واري اسپتال جي منصوبي تي تعميراتي ڪم تيزي سان جاري آهي ۽ هن وقت تائين 94 سيڪڙو پائلنگ جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. بريفنگ موجب اسپتال جي منصوبي تي 24 ڪلاڪ تعميراتي سرگرميون جاري آهن. هن وقت تائين منصوبي تي هڪ ارب 86 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رقم خرچ ٿي چڪي آهي. 600 بسترن واري جديد اسپتال ۾ ايمرجنسي، آءِ سي يو، جديد آپريشن ٿيٽرز ۽ جديد تشخيصي سهولتون قائم ڪيون وينديون. اسپتال ۾ جديد آءِ ٽي سسٽمز ۽ ڊجيٽل ميڊيڪل رڪارڊز جي سهولت پڻ فراهم ڪئي ويندي، جنهن سان مريضن کي جديد ۽ بهتر طبي خدمتون ڏيڻ ۾ مدد ملندي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو تہ هي

بقايا عوامي سوچ 01

۽ پائيوار ادارن کي باهمي رابطي ۽ گڏيل حڪمت عملي تحت ڪم ڪرڻ گهرجي. هن هدايت ڪئي ته جاري سرگرمين ۽ منصوبن تي مؤثر عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته درپيش مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جي فوري حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. هن اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي فار نيوٽريشن (DCCN) مٽياري جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ ضلعي اندر غذائيت، صحت، تعليم، آبادي، زراعت، لائيو اسٽاڪ، فشريز، سماجي ڀلائي، عورتن جي ترقي، ٻارن جي تحفظ ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن ۾ جاري سرگرمين ۽ اڳيرائي جو جائزو ورتو ويو. ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پنهنجي اڳيرائي جون رپورٽون باقاعدگي سان پيش ڪن ۽ غذائي ڪوٽ سميت عوام کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. بعد ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي فار سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي (ممتا پروگرام)، ضلع مٽياري جو اجلاس پڻ منعقد ٿيو، جنهن ۾ مختلف سماجي تحفظ جي پروگرامن جي اڳيرائي، مستحق ماڻهن تائين سهولتن جي فراهمي ۽ لاڳاپيل کاتن وچ ۾ رابطي جو جائزو ورتو ويو. ممتا پروگرام جي نمائندي اجلاس کي پروگرام جي اڳيرائي بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ضلعي مٽياري ۾ 44,377 رجسٽريشنون ۽ 276,987 ڪمپلائنسز/ ٻيهر دورا رڪارڊ ڪيا ويا آهن. ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر هدايت ڪئي ته مستحق خاندانن کي سماجي تحفظ جون سهولتون بروقت فراهم ڪرڻ يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته پروگرام تحت جاري سرگرمين ۾ شفافيت ۽ مؤثر نگراني کي اوليت ڏني وڃي. اجلاس ۾ ضلعي مٽياري جي لاڳاپيل کاتن ۽ ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 02

جماعت اسلامي پاڪستان جي ملڪ گير هڙتال جي موقعي تي شهر جا اهم ڪاروباري مرڪز مڪمل طور تي بند رهيا بلديه موبائل مارڪيٽ، شاهي بازار، کهسڪ پوره، صرافه بازار، ميڊيسن مارڪيٽ، اقبال روڊ، پاڪ ڪالوني، ايم اي جناح روڊ، سرسيد روڊ، آئرن مارڪيٽ، هيرآباد، غريب آباد، چانڊني چوڪ سميت شهر جا سمورا ننڍا ۽ وڏا بازار پرامن نموني مڪمل بند رهيا ان موقعي تي جماعت اسلامي ضلع ميرپورخاص جي اميرحافظ سلمان خالد ۽ نورالهيٰ مغل سميت ٻين اڳواڻن هڙتال جي نگراني ڪئي ۽ چيو ته پيٽروليم مصنوعات تي وڌندڙ سرڪاري ليوي ٽيڪس سبب مهانگائي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. جنهن جو سڌو سنئون بار عام عوام تي پئجي رهيو آهي

بقايا عوامي سوچ 03

جي سڏ تي ٺٽي شهر سميت مڪلي، جهمپير، گجو، گهارو، ساڪرو، جهرڪ، سونڊا، چتوچند، غلام الله، ور شهر، جنگشاهي سميت ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهرن ۾ به مڪمل شٽربند هڙتال ڪامياب رهي. ٺٽي جي شاهي بازار سميت سمورا ڪاروباري مرڪز بند رهيا. جڏهن ته جماعت اسلامي ٺٽي جي ڪارڪنن پاران موٽر سائيڪلن تي ٺٽي شهر ۽ مڪلي جو گشت ڪري هڙتال کي ڪامياب بڻائي هڪ ريلي ٺٽي ۾ جماعت اسلامي ٺٽي جي اڳواڻ عبدالله ادم گندرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته تيل جي قيمتن ۾ روزانو جي بنيادن تي اضافو ڪرڻ ڪري ملڪ ۾ حد کان وڌيڪ مهانگائي وڌي ويئي آهي، جنهن ڪري غيبب طبقو سخت پريشان آهي. جيڪو هڪ ويلو ماني کپي لاءِ به پريشان اهي، پر حڪمرانن کي غريب عوام جو ڪو احساس ناهي. عبدالله ادم گندرو ۽ ٻين چيو ته پيٽروليم اگهن ۾ ليويز شامل ڪري تيل جا ڳاٽي ٽوڙ اگهه مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي کين ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن. هن گهر ڪئي ته فورن تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي آڻي مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف مهيا ڪري عام واهپي جي شين جا اگهه گهٽائي تيل جون قيمتون روزانو جي بنيادن تي وڌائڻ توڙي گهٽائڻ وارو سلسلو ختم ڪري عوام کي وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 04

اص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ، پي ايس پي جي صدارت هيٺ ڊي آءِ جي پي آفيس ميرپورخاص ۾ ڪرائم ميٽنگ منعقد ٿي، جنهن ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص سيد فدا حسين شاهه، ايس ايس پي عمرڪوٽ سهايي عزيز ٽالپر، ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز ۽ ميرپورخاص رينج جي سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ڊي پي اوز شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ميرپورخاص رينج جي ٽنهي ضلعن ۾ پهرين جنوري 2026ع کان 15 آگسٽ 2026ع تائين رپورٽ ٿيل ۽ غير رپورٽ ٿيل ڏوهن جي مجموعي صورتحال ۽ پوليس جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ميٽنگ ۾ سمورن ايس ڊي پي اوز کان سندن لاڳاپيل سب ڊويزنن جي سطح تي ڪارڪردگي ۽ ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. جڏهن ته خاص طور قتل، ڪاروڪاري، ڌاڙن، ڦرن، گاڏيون ڦرڻ ۽ اسٽريٽ ڪرائم سميت اهم ڏوهن جي صورتحال، ڪيسن جي اڳيرائي ۽ جوابدارن خلاف ڪيل ڪارروائين جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ سنگين ڏوهن جي ڪيسن ۾ مفرور ۽ اشتهاري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جاري ڪارروائين جو پڻ جائزو ورتو ويو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وڌيڪ اثرائتا قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي. ان موقعي تي منشيات ۽ گٽڪا/ماوا خلاف جاري ڪارروائين ۽ تازي صورتحال جو به جائزو ورتو ويو. ڊي آءِ جي پي منشيات، گٽڪا ۽ ٻين صحت لاءِ نقصانڪار شين جي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا امتياز ڪارروايون وڌيڪ تيز ۽ اثرائتي بڻائڻ جي هدايت ڪئي. غيرقانوني افغان شهرين خلاف قانون موجب جاري ڪارروائين جو پڻ جائزو ورتو ويو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي حڪومتي پاليسي تي اثرائتي نموني عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڊي آءِ جي پي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ڏوهن جي روڪٿام، گهربل جوابدارن جي گرفتاري ۽ منشيات ۽ گٽڪا مافيا خلاف ڪارروائين ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي، جڏهن ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ امن امان جي قيام کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي. بعد ۾ نون ترقي ماڻيندڙ پوليس انسپيڪٽرن جي رينڪ پننگ تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊي آءِ جي پي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ، پي ايس پي ترقي ماڻيندڙ انسپيڪٽرن کي نوان رينڪ لڳايا ۽ کين ترقي حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 05

پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، استادن، شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ پاڪ فوج جي شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪندي ملڪ جي دفاع ۽ سلامتي لاءِ سندن قربانين کي ساراهيو ويو. ان موقعي تي شاگردن پاران قومي نغما، تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا ويا. جن سان پروگرام ۾ قومي جذبي ۽ حب الوطني جي فضا قائم رهي. تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ايم اين اي اياز شاهه شيرازي ڊي ايس پي جميل عزيز ميمڻ واپاري اڳواڻ حافظ رياض ميمڻ وڏيرو محمد ٻارڻ پريس ڪلب سجاول جو جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ جن چيو ته يومِ دفاع اسان کي پنهنجي شهيدن ۽ غازين جي لازوال قربانين جي ياد ڏياري ٿو. جڏهن ته نوجوان نسل ۾ حب الوطني، قومي يڪجهتي ۽ ملڪ جي خدمت جو جذبو اجاگر ڪرڻ لاءِ اهڙين تقريبن جو انعقاد ضروري آهي. تقريب جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون

بقايا عوامي سوچ 06

مولانا راشد محمود سومرو چيو ته اصل اختيار اسيمبلي کي آهي ان ڪانسواءِ نوان صوبا نٿا ٺاهي سگهجن جيڪڏهن سنڌ اسيمبلي هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي پراڻن قراردادن جو اعادو ٿي ڪري ته سنڌ کي نون صوبن جي ضرورت ناهي ته پوءِ سنڌ اسيمبلي جي هن قرداد ڪانپوءِ اهو موضوع ختم ٿيڻ گهرجي راشد محمود چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ ويٺل ميمبرن وزيرن پنهنجي بيانن وسيلي جيترو اظهار سنڌ سان ڪيو آهي ايترو محبت پنهنجي عوام سان ڪن ته بيروزگارن کي نوڪريون ميرٽ تي ملن ٻيٽن ۽ وسيلي جي چوڪيداري تي سگهي اسپتالن ۾ اعلاج ۽ اسڪولن ۾ تعليم ملي سگهي هن چيو ته بدقسمتي سان هن وقت سنڌ جو عوام بيروزگاري جي ڪري تڙپي رهيو آهي اسپتالن ۾ اعلاج نٿو ٿي سڪولن ۾ تعليم نٿي ملي هن موقعي تي جي يو آئي اڳواڻ عبدالغني سومرو حافظ فضل الله فياض عبدالصمد سومرو ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 07

ي، جڏهن ته اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جا ادارا پنهنجي جاري سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت ضلعي انتظاميا کي باقاعدگي سان آگاهه ڪن. هن چيو ته ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سمورا انساني همدردي جا پائيوار پنهنجون سرگرميون ضلعي انتظاميا سان هم آهنگ رکن، ته جيئن عوام کي فراهم ٿيندڙ سهولتن ۽ امدادي سرگرمين جا فائدا اثرائتي نموني حقدار ماڻهن تائين پهچي سگهن. اجلاس ۾ مختلف اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جي ادارن پاران ضلعي مٽياري ۾ جاري منصوبن، سرگرمين، اڳيرائي ۽ حاصل ڪيل ڪاميابين بابت بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته گڏيل رابطي ۽ مستقبل جي سرگرمين بابت معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ضلعي مٽياري ۾ ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 08

عورتن جو چوڻ آهي ته الٽراسائونڊ جي سهولت نه هجڻ، دوائن ۽ رجسٽريشن جي عمل بابت مسئلن سبب کين سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي ٿو عورتن الزام لڳايو ته اسپتال ۾ مبينا طور ڪجهه ايجنٽ سرگرم آهن. جيڪي عملي سان ملي ڀڳت ڪري کين پريشان ڪن ٿا. ڪجهه عورتن پاران رشوت طلب ڪرڻ بابت پڻ الزام لڳايا ويا آهن. جڏهن ته انهن الزامن جي آزاداڻي طور تصديق نه ٿي سگهي آهي. متاثر عورتن PPHI انتظاميا، صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. الٽراسائونڊ سميت ضروري سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن عملي يا مبينا ايجنٽ خلاف الزام ثابت ٿين ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. عورتن جو چوڻ آهي ته ممتا پروگرام غريب ۽ مستحق عورتن لاءِ اهم سهولت آهي، تنهن ڪري بنا سفارش ۽ رشوت جي هر مستحق عورت کي شفاف طريقي سان سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 09

بند جي چوڏاري ڪٽاءُ جو عمل شروع ٿي ويو آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته آبپاشي کاتي جي مبينا غفلت ۽ لاپرواهي سبب صورتحال ڳڻتي جوڳي ٿيندي پئي وڃي. جيڪڏهن وقت سر حفاظتي قدم نه کنيا ويا ته ڪٽاءُ ۾ وڌيڪ اضافو ٿي سگهي ٿو، جنهن سان بند ۽ ڀرپاسي جي آبادين کي سخت خطرا لاحق ٿيڻ جو خدشو آهي. علائقي واسين ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ ٻين لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. سندن اپيل آهي ته سورجاني بند جو هنگامي بنيادن تي دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو وڃي ۽ بند جي مسلسل نگراني ۽ حفاظت لاءِ فوري طور عملي مقرر ڪيو وڃي. مقامي ماڻهن مطالبو ڪيو آهي ته سنڌو درياهه ۾ پاڻيءَ جي وڌندڙ سطح کي نظر ۾ رکندي سورجاني بند جي ڪمزور هنڌن تي فوري حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن، جيئن ڪنهن به وڏي نقصان کان اڳ صورتحال تي ضابطو آڻي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 10

A. پاران ٽنڊو آدم آفيس ۾ هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ قومي امن ڪميٽي NPCIH.A جي صوبائي نائب صدر سنڌ مظهر چانڊيو خصوصي شرڪت ڪئي. گڏجاڻي جي صدارت ضلعي سانگهڙ جي صدر گل بهار خاصخيلي ۽ ٽنڊو آدم جي چيئرمين رانا صداقت ڪئي. گڏجاڻي دوران صوبائي نائب صدر مظهر چانڊيو چيو ته 6 سيپٽمبر يومِ دفاع پاڪستان کي قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ جو عزم ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي يومِ دفاع جي حوالي سان هڪ شاندار ريلي ڪڍڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن چيو ته 6 سيپٽمبر اسان کي پاڪ فوج جي شهيدن ۽ غازين جي لازوال قربانين جي ياد ڏياري ٿو يومِ دفاع پاڪستان قومي يڪجهتي، حب الوطني ۽ وطنِ عزيزجي دفاع جي جذبي جي علامت آهي، جنهن کي ڀرپور نموني سان ملهايو ويندو. گڏجاڻي ۾ تعلقه نائب صدر شوڪت ملوڪاڻي، پريس ترجمان جانڻ سنڌي، جوائنٽ سيڪريٽري نرسنگ پيل، ڊاڪٽر موهن، جمن ملوڪاڻي ۽ ٻين عهديدارن توڙي ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 11

ب مڪلي ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ ٺٽي ضلعي جي صحافين کي درپيش مسئلن، پوليس جي زيادتين ۽ صحافين جي تحفظ بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس ۾ يونين جي ضلعي اڳواڻن اڪبر دلواڻي، بلاول سمون، راجا تنوير خاصخيلي، مقصود جوکيو، ذوالفقار خاصخيلي، پيرل پياسي، مختيار لاشاري، مخدوم عابد قريشي، ٺٽو پريس ڪلب مڪلي جي صدر شيراز واريو، صحافين مرتضيٰ پنهور، امداد شاهه، شاهنواز بروهي، مراد خاصخيلي، مرزا انور بيگ سميت ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڏابيجي جي صحافي مرتضيٰ پنهور تي ٽن پوليس اهلڪارن پاران تشدد واري واقعي، غلام الله جي صحافي پيرل پياسي، ورجي صحافي عبدالله چانڊيو ۽ ٺٽي جي صحافي تاز گل دراني سان پيش آيل پوليس زيادتين وارن واقعن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو. يونين اڳواڻن فيصلو ڪيو ته نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي ٺٽو سان يونين جو وفد ملاقات ڪري صحافين کي درپيش مسئلن، پوليس جي زيادتين ۽ صحافين جي تحفظ بابت پنهنجا خدشا پيش ڪندو ۽ مسئلن جي حل لاءِ واضح خاطري حاصل ڪئي ويندي. اجلاس ۾ ڏابيجي جي صحافي مرتضيٰ پنهور واري واقعي ڪانپوءِ مختلف ڌرين پاران ٿيارڪڙي، معافي تلافي ۽ معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوشش کي اڳتي وڌائڻ تي پڻ زور ڏنو ويو. جڏهن ته لاڳاپيل ڌرين کي سياڻي 4 وڳي ڏابيجي پريس ڪلب پهچڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي وئي. يونين اڳواڻن چيو ته اڳوڻي ايس ايس پي ٺٽوجي دور ۾ ٺٽي ضلعي جي صحافين ۽ معزز شهرين سان پوليس جي زيادتين جا واقعا وڌڻ سبب يونين پاران پوليس جي خبرن جو بائيڪاٽ جاري رکيو ويو. هنن چيو ته نئين ايس ايس پي سان ملاقات دوران سموري صورتحال کان آگاهه ڪري صحافين جي تحفظ، عزت ۽ آزاد صحافت لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويندو. اجلاس ۾ ٺٽي ضلعي جي سمورن پريس ڪلبن جا دورا ڪرڻ، صحافين سان رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ يونين جي نئين ميمبرشپ ڏيڻ بابت پڻ غور ويچار ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 12

ا خان رورل سپورٽ پروگرام (AKRSP) جي اهتمام هيٺ اسڪول داخلا مهم 2026ع جي سلسلي ۾ مڪلي ۾ آگاهي واڪ منعقد ڪئي وئي، جنهن جو مقصد ٻارن کي تعليم ڏانهن راغب ڪرڻ، والدين ۾ تعليمي شعور اجاگر ڪرڻ ۽ اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي تعليمي ادارن ۾ داخل ڪرائڻ هو. آگاهي واڪ جي شروعات آغا خان آفيس مڪلي کان ڪئي وئي، جنهن جي اڳواڻي آغا ساگر فاضلاڻي، نفس خان، ايجوڪيشن آفيسر نائلاشاهه مرينا پليجو، جعفر شاهه ۽ گلزار خاصخيلي ڪئي. واڪ ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين، استادن، والدين، سماجي ڪارڪنن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ آگاهي بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا. جن تي تعليم جي اهميت ۽ "اسڪول داخلا مهم" بابت نعرا لکيل هئا. واڪ مختلف رستن تان ٿيندي مين روڊ مڪلي پهتي، جتي سوشل ويلفيئر آفيسر ڪي. بي. ٻهراڻي ، نور سرائي ۽ حضور بخش خاصخيلي سميت ٻين مقررن خطاب ڪيو. مقررن چيو ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي ۽ والدين کي پنهنجي ٻارن کي اسڪول موڪلڻ کي اولين ترجيح ڏيڻ گهرجي. اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي تعليمي نظام جو حصو بڻائڻ لاءِ والدين، استاد، سول سوسائٽي ۽ لاڳاپيل ادارن کي گڏيل ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. مهم دوران ٻارن لاءِ بهتر تعليمي ماحول، مفت داخلا، مفت درسي ڪتاب، تجربيڪار استاد ۽ ٻين تعليمي سهولتن جي فراهمي تي پڻ زور ڏنو ويو. هي مهم AKRSP جي پروگرام "Recovery and Climate Resilience in Flood_Affected Areas in Pakistan (RENEW)" تحت تعليم جي فروغ ۽ متاثر علائقن جي ٻارن جي روشن مستقبل لاءِ جاري ڪوشش جو حصو آهي. شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڪو به ٻار تعليم کان محروم نه رهندو ۽ اسڪول داخلا مهم جو پيغام هر گهر تائين پهچايو ويندو. ميڊيا پيغام: "هر ٻار اسڪول وڃي، تعليم حاصل ڪري ۽ پنهنجي روشن مستقبل جي بنياد رکي. "پڙهندو سنڌ وڌندو سنڌ"

بقايا عوامي سوچ 13

ه مٽياري جي جنرل سيڪريٽري عزت علي برهماڻي عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو ان وڌيڪ چيو ته سنڌ کي وفاقي حڪومت تباهه ڪيو جنهن پي آئي اي، اسٽيل مل ريلوي جو نظام، توڙي واپڊا جهڙا ادارا شامل آهن سنڌ جي ڪوئلي، پورٽ قاسم، سميت ٻين ادارن تي وفاق قابض آهي پهرين انهن ادارن کي بهتر ڪري پو نون صوبن جي ڳالهه ڪري. هن وقت مٽياري تعلقي ۾ ضلعي صدر امير علي شاهه هاشمي بهترين تنظيم سازي ڪئي آهي. ضلع صدر مٽياري پيپلزپارٽي پيرامير علي شاهه هاشمي تعلقي ۾ ڪيٽرائي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن.

بقايا عوامي سوچ 14

ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري، ضلعي صحت آفيسر ميرپورخاص ڊاڪٽر سنديپ ڪمار سان گڏ اولڊ سول اسپتال جي ڊائيلاسز سينٽر، ميڊيڪل اسٽور روم، ايمرجنسي مرد ۽ عورت وارڊ، ڊينٽل وارڊ، جنرل او پي وارڊ، آرٿوپيڊڪ وارڊ، دل جي وارڊ، ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال جي آپريشن وارڊ ايڊمنسٽريشن بلاڪ جو تفصيلي دورو ڪيو. ان موقعي تي ميڊيڪل سپرنٽيننٽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال ڊاڪٽر هيمجي چوهاڻ، ڊاڪٽر ماجد خان، انجمن فلاح بهبود انسانيت جي خزانچي ڊاڪٽر غلام محمد ٻگهيو، آفيس سپرنٽينڊنٽ شير محمد چانيهو ۽ ٻيا آفيسر ساڻس گڏ هئا. اولڊ سول اسپتال جي ڊائيلاسز سينٽر جي دوري دوران، ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري کي هدايت ڪئي ته ڊائيلاسز سينٽر کي فعال بڻائڻ ۽ سيني مشڪلاتن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ٿاهيل ڪميٽي جي گڏجاڻي منعقد ڪئي وڃي. ان موقعي تي ڊائلاسز سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر ام رباب ٻڌايو ته ڊائلاسز سينٽر ۾ 15 اسٽاف سرڪاري ۽ 10 پرائيويٽ اسٽاف آهن. دوري دوران ڪمشنر ڊائلاسز سينٽر جي انچارج کي هدايت ڪئي ته ڊائلاسز سينٽر جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ ورڪنگ پيپر تيار ڪيو وڃي ۽ ڪميٽي جي منظوري کان پوءِ ان کي پورو ڪيو وڃي. ان کان پوءِ ڪمشنر ميرپورخاص شهمير خان پٽو ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ڪمشنر ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر هيمجي چوهاڻ کي هدايت ڪئي ته اسپتال ۾ صفائي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ اسپتال ۾ ايندڙ مريضن کي بنيادي صحت جي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. ڪمشنر اسپتال ۾ داخل مريضن کان صحت جي سهولتن ۽ دوائن جي فراهمي بابت معلومات پڻ ورتي.

بقايا عوامي سوچ 15

د _ صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري پيپلز اسڪول مڪلي، ٺٽوجو دورو ڪيو، جتي شاگردن ۽ استادن کي صوبائي محتسب سنڌ جي اداري جي ڪردار، اختيارن، ذميوارين ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي جي طريقيڪار بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي. آگاهي پروگرام کي خطاب ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري چيو ته صوبائي محتسب سنڌ جو ادارو عوام کي سرڪاري کاتن ۽ ادارن بابت شڪايتن جي ازالي لاءِ هڪ مؤثر، آسان ۽ پهچ وارو فورم فراهم ڪري ٿو. هن چيو ته عوام کي پنهنجن جائز مسئلن ۽ شڪايتن جي حل لاءِ هر معاملي ۾ وڪيل مقرر ڪرڻ جي ضرورت ناهي، پر صوبائي محتسب سنڌ جي اداري ۾ سادي درخواست ڏئي پنهنجي شڪايت جو ازالو ڪرائي سگهجي ٿو. هن چيو ته محتسب جو ادارو عوام کي غيرضروري پيچيده قانوني ڪارروائي ۽ اضافي خرچن کان بچائيندي سندن مسئلن جي حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. صوبائي محتسب سنڌ جو مقصد سرڪاري کاتن ۾ بدانتظامي، ناانصافي ۽ عوامي شڪايتن جو قانون موجب ازالو يقيني بڻائڻ آهي. جيئن شهرين کي بروقت انصاف ۽ رليف فراهم ڪري سگهجي. ريجنل ڊائريڪٽر شاگردن کي آگاهه ڪيو ته جيڪڏهن ڪنهن شهري کي ڪنهن سرڪاري کاتي يا اداري بابت جائز شڪايت هجي ته هو صوبائي محتسب سنڌ سان رجوع ڪري سگهي ٿو. هن چيو ته شڪايت داخل ڪرائڻ لاءِ عام شهري کي ڪنهن ڏکئي قانوني طريقيڪار مان گذرڻ جي ضرورت ناهي، پر سادي درخواست ذريعي پنهنجي شڪايت پيش ڪري سگهجي ٿي، جنهن تي لاڳاپيل معاملي جو جائزو وٺي قانون ۽ ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي ويندي آهي. هن وڌيڪ چيو ته صوبائي محتسب سنڌ جو ادارو عوام ۽ سرڪاري ادارن وچ ۾ هڪ مؤثر شڪايتن جي نظام طور ڪم ڪري رهيو آهي ۽ شهرين کي سندن جائز حق ڏيارڻ سان گڏ سرڪاري کاتن ۾ بهتر انتظامي روين جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. الطاف حسين لغاري شاگردن تي زور ڏنو ته هو پنهنجن بنيادي حقن ۽ شهري ذميوارين کان آگاهه رهن ۽ معاشري ۾ قانون جي پاسداري، نظم و ضبط، برداشت ۽ ٻين جي حقن جي احترام کي هٿي ڏين. هن چيو ته نوجوان نسل ملڪ جو مستقبل آهي ۽ کين تعليم سان گڏ پنهنجن قانوني ۽ شهري حقن بابت پڻ مڪمل آگاهي حاصل ڪرڻ گهرجي. پروگرام دوران شاگردن ۽ استادن صوبائي محتسب سنڌ جي اداري جي دائره ڪار، شڪايتون داخل ڪرائڻ جي طريقيڪار ۽ عوامي مسئلن جي حل بابت مختلف سوال ڪيا. جن جا ريجنل ڊائريڪٽر تفصيلي جواب ڏنا. ان موقعي تي اسڪول انتظاميا ۽ استادن صوبائي محتسب سنڌ جي اداري پاران عوام ۽ تعليمي ادارن ۾ آگاهي پروگرام منعقد ڪرائڻ کي ساراهيندي چيو ته اهڙا پروگرام شاگردن ۽ معاشري جي مختلف طبقن ۾ قانوني ۽ شهري شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم آهن. آگاهي پروگرام جي پڄاڻي تي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري شاگردن ۽ استادن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته صوبائي محتسب سنڌ جي اداري پاران عوام کي سندن حقن، شڪايتن جي ازالي ۽ دستياب سهولتن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ جو سلسلو مستقبل ۾ پڻ جاري رکيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 16

تي نئون ڪوٽ ۾ جزوي هڙتال ڪئي وئي، جڏهن ته جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ۽ شهرين احتجاجي مظاهرو ڪري حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي شهر جا ڪيٽرائي ڪاروباري مرڪز جزوي طور بند رهيا. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته پيٽروليم شين تي وڌندڙ ٽيڪسن ۽ ليوي عوام جي چيلهه چبي ڪري ڇڏي آهي. مهانگائي سبب غريب ماڻهو ٻن وقتن جي ماني لاءِ به پريشان آهي مظاهرين چيو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ جو سڌو اثر روزمرهه جي شين، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين بنيادي ضرورتن تي پوي ٿو، جنهن سبب عام ماڻهو جي قوتِ خريد ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي جماعت اسلامي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم شين تي لاڳو اضافي ليوي ۽ ٽيڪسن جو خاتمو ڪري مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي ۽ عوام کي فوري ۽ حقيقي رليف فراهم ڪيو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته عوام تي معاشي بار وڌائڻ بدران حڪمرانن کي عوامي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا.

بقايا عوامي سوچ 17

' پند، واجد علي چانڊيو، فقير حمزا ميمڻ، عاشق جوکيو، ياسين سيال، امير سيال، يونس سولنگي ۽ 6 هين ڏينهن به آفيسرن جي ناجائزين خلاف ملازمن آفيسن جي تالابندي ڪري بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي، ان موقعي تي متاثر ملازمن ميڊيا اڳيان دانهيو ته 4 سئو ملازم آهن انهن کي 2024 جون پراڻيون پگهارون ڪيون ويون آهن. هنن چيو ته 2025 جي ملازمن کي پگهارون به نه ڏنيون ويون، 2026 ملازمن جون پگهارون پي اسڪيل روائيز ۽ انڪريمنٽ به نه ڏني وئي آهي. ملازمن کي ڊيفرنس الائونس به 5 ڪروڙ ٿي ويو آهي اهو به نه ڏنو ويو آهي، اسان جا 60 ملازم رٽائرڊ ٿي ويا آهن انهن کي به رٽائرمينٽ نه ڏني وئي آهي، هنن چيو ته ملازم پنهنجن جائز مطالبن لاءِ احتجاج ڪن ٿا ته انهن کي آڪائونٽنٽ جاويد راهپوٽو ۽ سي ايم او مختيار راهپوٽو شوڪاز نوٽيس ۽ پگهارون بند ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. ملازمن جي وردين جا آيل پيئسا ڪميشن عيوض رولايو پيو وڃي، جنهن جو اماڻونٽ 4 لک 15 هزار ٿي ويو آهي آڊٽ به ٿيل آهي، هنن چيو ته اسان سان پنهنجن ئي آفيسرن ايڏو وڏو ظلم ڪيو آهي. هنن چيو ته جام شورو ضلعي مان آيل آفيسرن اسان جي تعلقي جي غريب ڊيلي ويجز ملازمن سان ناانصافيون ڪري رهيا آهن. سنڌ حڪومت طرفان ڊيلي ويجز ملازمن جون پگهارون 40/ 45 هزار پگهار ڏيڻ بجاءِ انهن غريب ملازمن کي 10 هزار پگهار ڏني پئي وڃي، هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اگر اسان ملازمن جا مطالبا حل نه ٿيا ته سومر تي مرحليوار لا عمل جوڙينداسين جنهنجي ذميواري ميونسپل آفيسرن تي هوندي.

بقايا عوامي سوچ 18

حت ڪاٽي ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي. ڪاٽي دوران آبادگارن ڪوڙرون هٽن ۾ ڪٽي آبپاشي کاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ عملي خلاف شاخ مٿان احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين جي اڳواڻي رحم علي لنڊ، عبداللطيف لنڊ، حاجي شريف لنڊ ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي آبادگارن دانهيندي چيو ته آبپاشي عملو دادو مان غائب هجڻ سبب ڦڪا شاخ جي پڇڙيءَ ۾ گذريل ڪيترن ئي مهينن کان پاڻي نٿو پهچي، جنهن ڪري سندن زرعي زمينون بنجر بڻجي رهيون آهن. هنن چيو ته پاڻي جي شديد ڪوٽ سبب جر جو پاڻي به ڪارو ٿي ويو آهي، جڏهن ته پاڻي نه ملڻ ڪري چوپايو مال ۽ پکي به اڄ ۽ بک سبب مرڻ لڳا آهن. آبادگارن جو چوڻ هو ته هو پنهنجي مدد پاڻ تحت شاخ جي ڪاٽي ڪرائي رهيا آهن، پر آبپاشي کاتي پاران پاڻي جي فراهمي لاءِ ڪي به اثرائتا قدم نه کنيا ويا آهن. مظاهرين پيپلز پارٽي دادو ضلعي جي صدر ۽ سنڌ جي وزيراعليٰ کان مطالبو ڪيو ته ڦڪا شاخ جي پڇڙيءَ ۾ فوري طور پاڻي فراهم ڪري آبادگارن جي پريشاني ختم ڪئي وڃي، جيئن هو پنهنجن ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ فصل پوکي سگهن. آبادگارن چيو ته جيڪڏهن ڦڪا شاخ ۾ جلد پاڻي فراهم نه ڪيو ويو ته هو ڊي سي دادو ۽ آبپاشي انجنيئر دادو جي آفيسن اڳيان احتجاجي ڌرڻا هڻڻ سان گڏ انڊس هاءِ وي تي به ڌرڻن جو سلسلو شروع ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 19

ٻين شهرن جيان تلهار ۾ به مرڪز جي سڏ تي جماعت اسلامي پاران پيٽروليم ليوي ۾ واڌ ۽ پيٽرول ڊيزل جي وڌايل اگهن خلاف شٽربند هڙتال ڪئي وئي. جماعت اسلامي جي سڏ تي شهر جا ڪيٽرائي ڪاروباري مرڪز ۽ دڪان بند رهيا. جڏهن ته جماعت اسلامي جي ڪارڪنن پاران هٿن ۾ جماعت جا جهنڊا کڻي موٽرسائيڪلن تي شهر جي مختلف علائقن ۾ گشت ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو ان موقعي تي جماعت اسلامي تلهار جي اڳواڻن علي اڪبر جوڻيجو، ڊاڪٽر شمس ٽيبو، ظائف جوڻيجو مقصود انصاري ۽ ٻين ڪارڪنن جو چوڻ هو ته حڪومت پاران پيٽرول تي پيٽروليم ليوي ۾ اضافو عوام سان سراسر ناانصافي آهي، جنهن سبب اڳ ئي مهانگائي جي چڪي ۾ پيڙهجندڙ عوام جون مشڪلاتون وڌيڪ وڌي ويون آهن جماعت اسلامي اڳواڻن چيو ته پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ جو سڌو سنئون اثر عام واهپي جي شين، ٽرانسپورٽ، زرعي خرچن ۽ روزمره جي زندگي تي پوي ٿو، جڏهن ته مزدور، هاري، پورهيت ۽ وچولي طبقي لاءِ مهانگائي کي منهن ڏيڻ انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته پيٽرول تي لاڳو ناجائز پيٽروليم ليوي فوري طور ختم ڪري پيٽرول جو اگهه 225 رپيا في ليٽر مقرر ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جماعت اسلامي اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پيٽروليم شين تي ٽيڪسن ۽ ليوي تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ وڌندڙ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 20

جڏهن ته پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪاري جي ڪيسن کي ختم ڪرڻ لاڳاپيل تعلقي جي پوليو انچارج ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن جي ذميواري آهي. هن اهڙو اظهار ڪمشنر ڪميٽي هال ۾ پوليو انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڊويزنل ٽاسڪ فورس جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ ٻڌايو ويو ته پوليو مهم 21 سيپٽمبر کان 24 سيپٽمبر تائين جاري رهندي، جنهن ۾ ڊويزن جي ٽن ضلعن جي 18 تعلقن ۽ 215 يونين ڪائونسلن ۾ پيدائش کان وٺي پنجن سالن تائين 884,467 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾، 196 يو سي ايم او، 742 ايريا انچارجز، 298 ٽرانزٽ ٽيمون، 192 فڪسڊ ٽيمون، 6608 موبائل ٽيمون ۽ 8036 ليڊي هيلٿ ورڪرز گهر گهر وڃي پوليو جا ڦڙا پيارينديون. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ون سياش چندر، ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري، ريجنل ڊائريڪٽر پي پي ايڇ آءِ مظهر ويسر ، ضلعي هيلٿ آفيسر ميرپورخاص ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل علي نواز سمون شهباز علي ضلعي مئنيجر پي پي ايڇ آءِ اي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 21

س پراڻي اٽبٽ هلندڙ آهي. پيرسن الهڏنو چانڊيو دانهيندي چيو ته پنج ڏينهن اڳ هو پنهنجي ٻني ۾ ترن جو لابارو ڪري رهيو هو ته ڄاڻايل ماڻهن مبينا طور مٿس حملو ڪري فائرنگ ڪئي، جنهن دوران هڪ گولي سندس ڪابي ٻانهن ۾ لڳي ۽ هو زخمي ٿي پيو. هن وڌيڪ چيو ته واقعي ڪانپوءِ انصاف لاءِ هو حد جي ٿاڻي تي پهتو، پر پوليس مبينا طور سندس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هن الزام هنيو ته جوابدار بااثر آهن. جيڪي کيس ۽ سندس خاندان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جنهن سبب سندس خاندان ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل آهي. پيرسن الهڏنو چانڊيو آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي مبينا حملي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، سندس ڪيس داخل ڪري کيس انصاف ۽ خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 22

مهانگائي خلاف شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي. جماعت اسلامي پاران گهنٽا گهر چوڪ تي احتجاجي ڪيمپ پڻ قائم ڪئي وئي، جتي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاج دوران جماعت اسلامي جي اڳواڻن حافظ نعيم شيخ، مولانا حزب الله جکرو، زبير حفيظ شيخ، سرفراز صديقي، خير محمد تنيو، حافظ امان الله تنيو، محسن گهمرو، احسان ۽ حفيظ سميت ٻين اڳواڻي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته حڪومت هر ايندڙ ڏينهن پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ڪري غريب ۽ مسڪين عوام لاءِ زندگي وڌيڪ ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافي سان روزمره جي استعمال وارين شين جا اگهه پڻ وڌي وڃن ٿا، جنهن سبب مهانگائي عوام جي چيلهه چبي ڪري ڇڏي آهي. جماعت اسلامي جي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته حڪمران هوش کان ڪم وٺن ۽ پيٽروليم ليوي سميت وڌايل قيمتون واپس وٺي عوام کي فوري طور رليف فراهم ڪن. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن عوام کي رليف فراهم نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ احتجاجي سلسلو تيز ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 23

و ۽ نئين ڳوٺ ۾ پراڻي خوني تڪرار تان شر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران لٺيون، ڏنڊا ۽ سروٽا لڳڻ سبب نيڪ محمد، غلام شبير، شمن، رياض، محمد پناهه، مانجهي، لياقت، امام الدين، احمد الدين، نور خان، عبدالڪريم ۽ هڪ عورت سميت ٻنهي ڌرين جا 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا اطلاع تي جهانگڙو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٻنهي ڌرين وچ ۾ هلندڙ جهيڙو ختم ڪرائي زخمين کي ڪٽائي تعلق اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جتي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي ان سلسلي ۾ هڪ ڌر جو موقف آهي ته پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن مٿان خون جو شڪ هئڻ سبب هونيت پٽ ڏيڻ لاءِ برادري جي ماڻهن وٽ ويا هئا جتي مٿن حملو ڪيو ويو ۽ ڪيٽرائي ماڻهو زخمي ٿي پيا ٻي ڌر جو چوڻ آهي ته معاملو معمولي ڳالهه تان شروع ٿيو جنهن تي سندن برادري جا ماڻهو مٿن حملو ڪرڻ لاءِ آيا جنهن بعد ٻنهي ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو حد جي پوليس موجب واقعي جي جاچ جاري آهي ۽ اصل حقيقت سامهون اچڻ لاءِ ٻنهي ڌرين جا بيان ورتا پيا وڃن جاچ دوران جيڪا به ڌر قصوروار ثابت ٿيندي ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 24

پنهنجي آفيس جي ڪانفرنس روم ۾ هڪ اهم گڏجاڻي جي صدارت ڪئي. گڏجاڻي ۾ سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي ضلعن جي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرز، ٽنهي ضلعن جي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرن، ريجنل ڊائريڪٽر ايس آءِ اي ايڇ 1122، اليڪٽريڪل انسپيڪٽرز، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، تعليم، انرجي، پوليس، انفارميشن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. ڪمشنر سکر سمورين سرڪاري ۽ نجي عمارتن ۾ فائر ايڪسٽنگوئشر سلينڊرن جي موجودگي کي لازمي قرار ڏيندي چيو ته سول ڊفينس جي اهلڪارن کان امڪاني باهه لڳڻ جي حوالي سان فرضي مشقون ڪرايون وڃن. هن فرضي مشقن کي سمورن اسڪولن ۽ اسپتالن لاءِ لازمي قرار ڏنو. ڪمشنر سکر هدايت ڪئي ته اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ لاڳاپيل مختلف کاتن جي آفيسرن تي مشتمل ڪميٽيون جوڙيون وڃن ۽ ايندڙ 15 ڏينهن ۾ گهڻ آباد علائقن جي خطرناڪ عمارتن کي خالي ڪرايو وڃي، جڏهن ته جزوي طور متاثر ٿيل عمارتن جي متاثر حصن جي نشاندهي ڪري اتي نشان لڳايو وڃي ۽ انهيءَ هنڌ "ممنوع استعمال" جا بينر آويزان ڪيا وڃن. ساڳي طرح هر عمارت جي اندر ايمرجنسي ايگزٽ جي به نشاندهي ڪئي وڃي، هن چيو ته هڪ به انساني جان جي حفاظت نهايت اهم آهي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ کي انتهائي سنجيدگي سان وٺي رهي آهي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سکر جي بندر روڊ ۽ قريشي ڳوٺ جي فائر ٽينڊر آفيسن جي گاڏين جي فعاليت لاءِ لوڪل گورنمينٽ جو تعاون حاصل ڪيو وڃي. ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي اليڪٽريڪل انسپيڪٽرن ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي سمورين نجي ۽ سرڪاري عمارتن جي اندر اليڪٽرڪ وائرنگ جو آڊٽ ڪرائڻ جي به هدايت ڪئي ته جيئن ڪمزور تارن کي بروقت ٺيڪ ڪري امڪاني شارٽ سرڪٽ جي واقعن کان بچي سگهجي. اهڙي طرح ڪمشنر سکر امڪاني روڊ حادثن جي صورت ۾ ڪٽرز ۽ ٻئي ضروري سامان جي اڳواٽ دستيابي بابت پڻ زور پريو.

بقايا عوامي سوچ 25

تحت ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي وئي آهي يوسف پرڳڙي جي گهرواري نلڪي وٽ پير ترڪڻ سبب پاڻ زخمي ٿي آهي، جڏهن ته نڪ ۽ آگر جي زخمن جو الزام اسان تي لڳائي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ اسان جو ڪو به قصور ناهي هن عورت جو مڙس يوسف پرڳڙي جنهن خلاف اڳ ۾ به مختلف ڪيس داخل آهن ۽ هو پوليس کي گهربل پڻ آهي جڏهن به پوليس سندس خلاف ڪارروائي ڪندي آهي يا سندس مبينا منشيات پڪڙجندي آهي ته هو اسان تي پوليس کي اطلاع ڏيڻ جو الزام هڻي گارگند، مارائڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو آهي ان سلسلي ۾ اسان اڳ ئي ايس ايس پي آفيس بدين ۾ درخواست پڻ ڏني هئي ۽ اسان خلاف داخل ٿيل ايف آءِ آر کان ڪجهه ڏينهن اڳ اسان يوسف پرڳڙي خلاف ڪورٽ سڪوري ۾ 22_A/22_B جي درخواست پڻ داخل ڪرائي هئي، جيڪا عدالت مان ڪينسل ٿيڻ ڪانپوءِ اسان خلاف هي ڪوڙو ڊرامو رچائي ايف آءِ آر داخل ڪرائي وئي آهي اسان ايس ايس پي بدين کي اپيل ٿا ڪريون ته هن معاملي جي شفاف ۽ غيرجانبدار انڪوائري ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ اسان خلاف داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 26

چانڊيو، ساجد علي چانڊيو ۽ محمد خان پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته سائيٽ ٿاڻي جي حد ۾ چانور گودام وٽ هٿياربند ماڻهن پاران ٽريڪٽر ٽرالي ڊرائيورن کان ڦرلٽ روز جو معمول بڻجي وئي آهي. گذريل ٽن مهينن کان لڳاتار وارداتن سبب ڪيترائي ڊرائيور لکين رپين جي روڪ رقم ۽ موبائل فونن کان محروم ٿي چڪا آهن. هنن چيو ته پوليس کي بار بار شڪايتون ڪرڻ باوجود جوابدارن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي. اٺ مهينا اڳ اسان جي هڪ ڊرائيور کي تشدد جو نشانو بڻائي ٽريڪٽر ٽرالي ڦري وئي هئي، جنهن جي رپورٽ پڻ داخل ٿيل آهي، پر اڄ تائين پوليس نه ته جوابدارن جو پتو لڳائي سگهي آهي ۽ نه ئي ٽريڪٽر ٽرالي واپس ڪرائي سگهي آهي. يونين اڳواڻن چيو ته ڊي آءِ جي کي شڪايت ڪرڻ باوجود به ڄامشورو پوليس مسئلي جو ڪو تدارڪ نه ڪري رهي آهي. مجبور ٿي پنهنجي تحفظ لاءِ ڀرپور تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪنداسين. هنن الزام لڳايو ته سائيٽ پوليس گشت تي مقرر اهلڪارن کي بار بار ڊيوٽي تان هٽائي ٿي، جنهن سبب جوابدارن کي وارداتون ڪرڻ جو مڪمل موقعو ملي ٿو. هنن چيو ته ان صورتحال مان جوابدارن ۽ پوليس وچ ۾ ڳٽ جوڙ صاف ظاهر ٿئي ٿو. يونين اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن پوليس تحفظ فراهم نه ڪيو ۽ جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته هو سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي ذميواري پوليس تي عائد ٿيندي. هنن اعلان ڪيو ته سومر تائين جوابدار گرفتار نه ٿيا ته ايس ايس پي ڄامشورو جي آفيس آڏو يا هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 27

صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته علائقي جا بااثر چنو پيل، پڳڙو ، ڄانو، ٻڍو پيل ساجن، دلاور نهڙي، رزاق نهڙي، قربان ، يارو نهڙي ۽ ٻيا مختلف طريقن سان حراسان ڪري ڳوٺ مان لڏائي زمين تي بي دخل ڪري اسان جي 100 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا مختلف طريقن سان حراسان ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن پوليس بااثرن سان مليل آهي جڏهن ت اسان جي ڪير ب داد فرياد ٻڌڻ وارو ناهي چوپايو مال مري ٿو ت الزام اسان مٿان لڳايو وڃي. ڪجه ڏينهن پهريان اسان جي گهر تي ڪاهه ڪري عورتن تي تشدد ڪرڻ بعد ڪيس تذليل جو نشانو بڻايو ڄاڻايل ماڻهن اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي هنن واسطيدار اختيارين کان پرزور مطالبو ڪندي چيو ت بااثرن جي زيادتين جو نوٽس وٺي ڄاڻايل ماڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 28

چورين معمول بڻجڻ سبب مالوند ماڻهو سخت پريشان ٿي ويا آهن. جڏهن ته ڳوٺاڻا پنهنجي مال جي حفاظت لاءِ راتيون جاڳڻ تي مجبور آهن. تازو ڏيپلو جي ڪوڙيو واري علائقي مان نامعلوم چور پاڳئي راسو ٺڪر جا 15 گهيٽا چوري ڪري فرار ٿي ويا. متاثر مالوند راسو ٺڪر موجب هو چوپائي مال پالي پنهنجو گذر سفر ڪندو آهي. پر علائقي ۾ مسلسل چورين سبب سندس مال محفوظ نه رهيو آهي. هن ٻڌايو ته رات جي وقت نامعلوم چور سندس مال مان 15 گهيٽا ڪاهي فرار ٿي ويا، جنهن ڪري کيس لکين رپين جو مالي نقصان پهتو آهي. راسو ٺڪر جو چوڻ هو ته چورن جا پيرا واقعي واري هنڌ تي موجود آهن، تنهنڪري پوليس پيرا ڪٽي چورن تائين پهچي سگهي ٿي. هن مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي چورن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ چوري ٿيل مال واپس ڪرائي کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي. علائقي جي مالوند ماڻهن جو چوڻ آهي ته ڏيپلو، ڪلوئي ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ چوپائي مال جون چوريون وڌڻ ڪري ڳوٺاڻن ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي. ترجي ڪيترن ئي مالوند خاندانن جو دارومدار چوپائي مال تي آهي، تنهنڪري مال جي چوري سندن معاشي زندگي تي سڌو سنئون اثر وجهي ٿي. ڳوٺاڻن ٿرپارڪر پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته رات جي وقت پوليس پڪٽن تي ايندڙ ويندڙ گاڏين جي سخت چيڪنگ يقيني بڻائي وڃي، مختلف رستن ۽ ڳوٺن ڏانهن ويندڙ رستن تي گشت وڌايو وڃي ۽ چوپائي مال جي چوري ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن مال چورين ۽ ٻين وارداتن تي ضابطو آڻي سگهجي. متاثر مالوند راسو ٺڪر سميت علائقي واسين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو آهي ته چوپائي مال جي وڌندڙ چورين جو فوري نوٽيس وٺي مالوند ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 29

ي جي گولن ذريعي هراس پکيڙڻ جي الزام هيٺ گهوٽ زرين پناڻ ۽ فرحان پناڻ خلاف دهشت گردي واري قانون تحت ايف آءِ آر داخل ڪري ٻنهي کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ٽنڊوالهيار شهر ۽ ان جي پسگردائي ۾ 2 راتيون اڳ شادي جي تقريب دوران مختلف وقتن تي آتشبازي ڪرڻ سبب ڳاڙهن باهه جي گولن ۽ روشني جي لائن واري آسمان کان هيٺ ڪرڻ جي منظرن شهرين ۾ خوف ۽ هراس پکيڙي ڇڏيو هو ۽ شهري باهه جي گولن کي ڏسي خوف وچان گهرن کان ٻاهر نڪري آيا هئا. ايس ايس پي سيد سليم شاهه ٽنڊوالهيار پوليس کي الرٽ ڪري ان جو ڪارڻ معلوم ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏنو هو. مذڪوره پراسرار گولا زمين تي ڪرڻ کان اڳ ختم ٿي پئي ويا ۽ هراس پکڙجي ويو هو. پوليس گولا ڇڏڻ وارن تائين پهتي هئي ۽ اهو پيغام هلرايو ته پناڻن جي شادي دوران اهي عجيب و غريب گولا آسمان ڏي ڇڏيا ويا هئا.

بقايا عوامي سوچ 30

انجنيئر پروفيسر مدد علي شاهه ۽ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد يوسف مجيداڻو هئا. موڪ پول سرگرمي ۾ شعبه تعليم جي سربراهه پروفيسر محبوب علي ڍهراج، شعبه تعليم جي ليڪچرار رشيده لطف، شبانه ناز صديقي، مسرور ميمڻ ۽ ٻين استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي. موڪ پول دوران ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر محمد يوسف مجيداڻو شاگردن کي عملي طور پولنگ جي مختلف مرحلن، ووٽر جي سڃاڻپ، بيلٽ پيپر جاري ڪرڻ، ووٽ وجهڻ جي طريقيڪار ۽ ووٽن جي ڳڻپ واري عمل بابت آگاهي ڏني. شاگردن ۽ شاگردياڻين فرضي پولنگ ۾ ڀرپور حصو ورتو، جنهن ذريعي کين چونڊ عمل کي عملي طور سمجهڻ ضروري آهي. هنن چيو ته موڪ پول جهڙين سرگرمين ذريعي شاگردن کي ووٽ جي اهميت، پنهنجي ذميوارين ۽ شفاف چونڊ عمل بابت عملي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. يونيورسٽي جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر مدد علي شاهه چونڊ سڄاڳي اجاگر ڪرڻ لاءِ منعقد ڪيل هن سرگرمي کي ساراهيندي چيو ته تعليمي ادارا نوجوان نسل جي ڪردار سازي ۽ کين ذميوار شهري بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. تقريب جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن موڪ پول سرگرمي کي شاگردن لاءِ انتهائي فائديمند ۽ معلوماتي قرار ڏيندي اهڙين آگاهي سرگرمين جي سلسلي کي جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. ان موقعي تي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر سيد مدد علي شاهه ۽ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر محمد يوسف مجيداڻو موڪ پول ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۽ ووٽر ايجوڪيشن ڪميٽي جي ميمبرن ۾ شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا

بقايا عوامي سوچ 31

۾ گذريل 8 مهينن کان استادن جي غيرحاضري خلاف شاگردن، والدين ۽ ڳوٺاڻن ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ ڊي او نبي بخش گرگيز خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي هنگورنو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين رخسانه شرع عبدالحمنهن سبب معصوم ٻار تعليم کان محروم ٿي رهيا آهن ۽ سندن تعليمي مستقبل تباهه ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي. هنن چيو ته استادن جي غيرحاضري بابت ڪيترائي پيرا ڊي او نبي بخش گرگيز کي درخواستون ۽ شڪايتون ڏنيون ويون، پر ان باوجود مسئلو حل نه ڪيو ويو. اسڪول ۾ استاد نه هجڻ سبب شاگردن جي پڙهائي سخت متاثر ٿي رهي آهي. احتجاج ڪندڙن تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي الهيار شر ۾ فوري طور تي استاد مقرر ڪري ٻارن جي تعليم جو سلسلو بحال ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا

مقرري جو اعلان



روزاني عوامي سوچ ڪراچي
طرفان امان الله هنگورجو کي
اسلامڪوٽ لاءِ رپورٽر مقرر ڪيو
ويو آهي خبرن ۽ اشهتارن لاءِ
ساڻس رابطو ڪيو وڃي رابطي لاءِ:
03432607717

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

درپيش مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جي فوري حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن: دانش ذاڪر

آبادي، زراعت، لائيو اسٽاڪ، فشريز، سماجي ڀلائي، عورتن جي ترقي، ٻارن جي تحفظ ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن ۾ جاري سرگرمين ۽ اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

پنهنجي اڳڀرائي جون رپورٽون باقاعدگي سان پيش ڪن ۽ غذائي کوٽ سميت عوام کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي فار سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي (ممتا پروگرام)، ضلع مٽياري جو اجلاس پڻ منعقد ٿيو

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته ضلعي مٽياري ۾ غذائيت، صحت، سماجي تحفظ ۽ عوامي ڀلائي سان لاڳاپيل پروگرامن جا اثرائتا نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل کاتن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

پيٽروليم مصنوعات تي سرڪاري ليوي ٽيڪس خلاف جماعت اسلامي جي ملڪ گير هڙتال، شهر جا سمورا بازار مڪمل بند

جماعت اسلامي پاڪستان جي ملڪ گير هڙتال جي موقعي تي شهر جا اهم ڪاروباري مرڪز مڪمل طور تي بند رهيا

آئرن مارڪيٽ، هيرآباد، غريب آباد، چانڊني چوڪ سميت شهر جا سمورا ننڍا ۽ وڏا بازار پرامن نموني مڪمل بند رهيا

پيٽروليم مصنوعات تي وڌندڙ سرڪاري ليوي ٽيڪس سبب مهانگائي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن جو سڌو سنئون بار عام عوام تي پئجي رهيو آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) پيٽروليم مصنوعات تي سرڪاري ليوي ٽيڪس خلاف جماعت اسلامي جي ملڪ گير هڙتال، شهر جا سمورا بازار مڪمل بند ميرپورخاص ۾ پيٽروليم مصنوعات تي سرڪاري ليوي ٽيڪس خلاف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

جماعت اسلامي پاران ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري، پيٽروليم اگهن ۾ ليويز شامل ڪري اگهه وڌائڻ خلاف ڏنل هڙتال

غلام الله، ور شهر، جنگشاهي سميت ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهرن ۾ به مڪمل شٽربند هڙتال

روزانو جي بنيادن تي وڌائڻ توڙي گهٽائڻ وارو سلسلو ختم ڪري عوام کي وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جماعت اسلامي پاران ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري، پيٽروليم اگهن ۾ ليويز شامل ڪري اگهه وڌائڻ خلاف ڏنل هڙتال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڊي آءِ جي پي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ جي صدارت هيٺ ڪرائم ميٽنگ

ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز ۽ ميرپورخاص رينج جي سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ڊي پي اوز شرڪت

غير رپورٽ ٿيل ڏوهن جي مجموعي صورتحال ۽ پوليس جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ميٽنگ ۾ سمورن ايس ڊي پي اوز کان سندن لاڳاپيل سب ڊويزنن جي سطح تي ڪارڪردگي ۽ ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊي آءِ جي پي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ جي صدارت هيٺ ڪرائم ميٽنگ، سنگين ڏوهن، منشيات ۽ گٽڪا خلاف ڪارروائين جو جائزو ميرپورخاص: ڊي آءِ جي پي ميرپورخ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سجاول ۾ يومِ دفاع جي حوالي سان قومي پروگرام، سياسي سماجي اڳواڻن، استادن ۽ شاگردن جي شرڪت

6 سيپٽمبر يومِ دفاع پاڪستان جي حوالي سان اسپورٽس ڪمپليڪس سجاول ۾ هڪ پروقار قومي پروگرام منعقد ڪيو ويو

جنهن ۾ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، استادن، شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تقريب جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)سجاول ۾ يومِ دفاع جي حوالي سان قومي پروگرام، سياسي سماجي اڳواڻن، استادن ۽ شاگردن جي شرڪت 6 سيپٽمبر يومِ دفاع پاڪستان جي حوالي سان اسپورٽس ڪمپليڪس سجاول ۾ هڪ پروقار قومي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

جي يو آئي عملي مزاحمت ڪندي ۽ ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي تقسيم ٿيڻ نه ڏينداسين: راشد محمود سومرو

سجاول)رپورٽ امتياز ميمڻ (سنڌ جي وحدانيت تي وار ٿيو ته جي يو آئي عملي مزاحمت ڪندي ۽ ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي تقسيم ٿيڻ نه ڏينداسين اهڙو اظهار مولانا راشد محمود سومرو سجاول ويجهو ڳوٺ حاجي احمد سومرو ۾ مرحوم محمد اسماعيل سومرو جي وارثن سان تعزيت ڪرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ترقياتي سرگرمين ۾ اثرائتي رابطي، شفافيت ۽ ادارن وچ ۾ گڏيل سهڪار کي يقيني بڻايو وڃي: ڊي سي

اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جا ادارا پنهنجي جاري سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت ضلعي انتظاميا کي باقاعدگي سان آگاهه ڪن

ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سمورا انساني همدردي جا پائيدار پنهنجون سرگرميون ضلعي انتظاميا سان هم آهنگ رکن

جيئن عوام کي فراهم ٿيندڙ سهولتن ۽ امدادي سرگرمين جا فائدا اثرائتي نموني حقدار ماڻهن تائين پهچي سگهن

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته ضلعي مٽياري ۾ انساني همدردي جي منصوبن ۽ ترقياتي سرگرمين ۾ اثرائتي رابطي، شفافيت ۽ ادارن وچ ۾ گڏيل سهڪار کي يقيني بڻايو وڃ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

صالح پٽ: PPHI اسپتال ۾ ممتا پروگرام لاءِ آيل عورتون مبينا پريشانين جو شڪار، سهولتن بابت شڪايتون

الٽراسائونڊ جي سهولت نه هجڻ، دوائن ۽ رجسٽريشن جي عمل بابت مسئلن سبب ڪين سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

اسپتال ۾ مبينا طور ڪجهه ايجنٽ سرگرم آهن، جيڪي عملي سان ملي ڀڳت ڪري ڪين پريشان ڪن ٿا

انهن الزامن جي آزاداڻي طور تصديق نه ٿي سگهي آهي، متاثر عورتن PPHI انتظاميا، صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو

صالح پٽ (رپورٽ: غلام نبي ميرجت) صالح پٽ جي PPHI اسپتال ۾ ممتا پروگرام تحت رجسٽريشن ۽ فارم ڀرائڻ لاءِ آيل عورتن پاران مبينا طور دير، سهولتن جي کوٽ ۽ عملي جي ناروا رويي جون شڪايتون سامهون آيون آهن. متاثر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

PPHI HOSPITAL
صالح پٽ
PPHI
صالح پٽ: PPHI اسپتال ۾ ممتا پروگرام لاءِ آيل عورتون مبينا پريشانين جو شڪار، سهولتن بابت شڪايتون

سنڌو درياهه ۾ پاڻيءَ جي سطح بلند، سورجاڻي بند کي ڪٽاڻ جو خطرو، علائقي واسين ۾ خوف

سنڌو درياهه ۾ پاڻيءَ جي سطح بلند ٿيڻ سان گڏ سجاول جي حساس سورجاڻي بند کي تيز ڪٽاڻ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

حساس سورجاڻي بند کي تيز ڪٽاڻ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن سبب ويجهن آبادين ۾ خوف ۽ ڳڻتي جي لهر ڇانيل

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)سنڌو درياهه ۾ پاڻيءَ جي سطح بلند، سورجاڻي بند کي ڪٽاڻ جو خطرو، علائقي واسين ۾ خوف سنڌو درياهه ۾ پاڻيءَ جي سطح بلند ٿيڻ سان گڏ سجاول جي حساس سورجاڻي بند کي تيز ڪٽاڻ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن سبب ويجهن آبادين ۾ خوف ۽ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي. تفصيل موجب سنڌو درياهه ۾ پاڻيءَ جي تيز وهڪري سبب سورجاڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ٽنڊوآدم يومِ دفاع پاڪستان جي حوالي سان قومي امن ڪميٽي NPCIH.A جي ٽنڊو آدم آفيس ۾ اهم گڏجاڻي

قومي امن ڪميٽي NPCIH.A جي صوبائي نائب صدر سنڌ مظهر چانڊيو خصوصي شرڪت

گڏجاڻي جي صدارت ضلعي سانگهڙ جي صدر گل بهار خاصخيلي ۽ ٽنڊو آدم جي چيئرمين رانا صداقت ڪئي

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم يومِ دفاع پاڪستان جي حوالي سان قومي امن ڪميٽي NPCIH.A جي ٽنڊو آدم آفيس ۾ اهم گڏجاڻي ٽنڊو آدم: يومِ دفاع پاڪستان جي حوالي سان قومي امن ڪميٽي NPCIH/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ٽلهار: پيٽروليم ليوي ۽ پيٽرول جي وڌايل اگهن خلاف جماعت اسلامي جي شٽربند هڙتال

عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پيٽروليم شين تي ٽيڪسن ۽ ليوي تي نظرثاني ڪئي وڃي

وڌندڙ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن

ٽلهار (رپورٽر مختياراحمد ملاح) ٽلهار: پيٽروليم ليوي ۽ پيٽرول جي وڌايل اگهن خلاف جماعت اسلامي جي شٽربند هڙتال ٽلهار: سنڌ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

خدا آباد: ڦڪا شاخ جي پڇڙيءَ جي آبادگارن جو پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪاٽي ڪرائڻ، آبپاشي عملي خلاف احتجاج

آبپاشي کاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ عملي خلاف شاخ مٿان احتجاجي مظاهرو

مظاهرين جي اڳواڻي رحم علي لنڊ، عبداللطيف لنڊ، حاجي شريف لنڊ ۽ ٻين ڪئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) خدا آباد پرسان ڦڪا شاخ جي پڇڙيءَ جي آبادگارن پاران شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ميونسپل ڪاميٽي ايمپلائيز يونين پاران ملازمن کي نيون پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف احتجاج

6 هين ڏينهن به آفيسن جي ناجائزين خلاف ملازمن آفيسن جي تالابندي ڪري بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي

4 سئو ملازم آهن انهن کي 2024 جون پراڻيون پگهارون ڪيون ويون آهن

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنه) ميونسپل ڪاميٽي ايمپلائيز يونين پاران ملازمن کي نيون پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف متاثر ملازمن صدر مرتض/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

پيٽروليم شين تي لاڳو ليوي ۽ مختلف ٽيڪسن خلاف جماعت اسلامي جي اپيل تي ٺٽي ڪوٽ ۾ جزوي هڙتال

جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ۽ شهرين احتجاجي مظاهرو ڪري حڪومت خلاف سخت نعريبازي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) ڪمر ٽوڙ مهانگائي، پيٽروليم شين تي لاڳو ليوي ۽ مختلف ٽيڪسن خلاف جماعت اسلامي جي اپي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر جو پيپلز اسڪول مڪلي جو دورو

صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري پيپلز اسڪول مڪلي، ٺٽو جو دورو ڪيو

ڪردار، اختيارن، ذميوارين ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي جي طريقيڪار بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر جو پيپلز اسڪول مڪلي جو دورو، شاگردن ۽ استادن لاءِ آگاهي پروگرام منعق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڊائلاسز سينٽر ۾ 15 اسٽاف سرڪاري ۽ 10 پرائيويٽ اسٽاف آهن: ڊاڪٽر ام رباب

ڊاڪٽر غلام محمد ڀگهيو، آفيس سپرنٽينڊنٽ شير محمد چانيهو ۽ ٻيا آفيسر ساڻس گڏ هئا

اولڊ سول اسپتال جي ڊائلاسز سينٽر جي دوري دوران، ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري کي هدايت

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر شهميرخان پتو، ايڊيشنل ڪمشنرون سياش چندر، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو افشان شيخ، ڊپٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

پاڪستان پيپلزپارٽي سدائين صوبن جي مخالفت ڪئي آهي: عزت علي برهماڻي

سنڌ کي وفاقي حڪومت تباهه ڪيو جنهن پي آئي اي، اسٽيل مل ريلوي جو نظام، توڙي واپڊا جهڙا ادارا شامل آهن

سنڌ جي ڪوئلي، پورٽ قاسم، سميت ٻين ادارن تي وفاق قابض آهي

اوڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) پاڪستان پيپلزپارٽي سدائين صوبن جي مخالفت ڪئي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان پيپلزپارٽي تعلق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

آغا خان رورل سپورٽ پروگرام جي اهتمام هيٺ مڪلي ۾ اسڪول داخلا مهم 2026ع جي سلسلي ۾ آگاهي واڪ

اهتمام هيٺ اسڪول داخلا مهم 2026ع جي سلسلي ۾ مڪلي ۾ آگاهي واڪ منعقد ڪئي وئي

ٻاهر ٻارن کي تعليمي ادارن ۾ داخل ڪرائڻ هو آگاهي واڪ جي شروعات آغا خان آفيس مڪلي کان ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) آغا خان رورل سپورٽ پروگرام جي اهتمام هيٺ مڪلي ۾ اسڪول داخلا مهم 2026ع جي سلسلي ۾ آگاهي واڪ آغ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس يونٽ ٺٽي جو هنگامي اجلاس

اجلاس ضلعي صدر شبير ڀٽي جي صدارت هيٺ ٺٽو پريس ڪلب مڪلي ۾ منعقد ٿيو

ضلعي جي صحافين کي درپيش مسئلن، پوليس جي زيادتين ۽ صحافين جي تحفظ بابت تفصيلي غور ويچار

ٺٽو(د ر رپورٽ واحدشورو) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس يونٽ ٺٽي جو هنگامي اجلاس ضلعي صدر شبير ڀٽي جي صدارت هيٺ ٺٽو پريس ڪل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ پوليو ٽيمن جي اثرائتي تربيت تمام ضروري آهي: ڪمشنر

انڪاري جي ڪيسن کي ختم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل تعلقي جي پوليو انچارج ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن جي ذميواري آهي

پنجن سالن تائين 884,467 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي

6608 موبائل ٽيمون ۽ 8036 ليڊي هيلٿ ورڪرز گهر گهر وڃي پوليو جا ڦڙا پياريندين

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر شهميرخان پتو چيو آهي ته پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ پوليو ٽيمن جي اثرائتي تربيت تمام ضروري آهي ۽ چيو آهي ته مهم دوران مانيٽرنگ ٽيمن کي فعال ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي،/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

دادو ضلعي جي ڳوٺ ڀڏاپور جي رهواسي پيرسن الهڏنو چانڊيو نوابشاهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

رستي جي لنگهه تان ڳوٺ جي رهواسين معشوق چانڊيو، نذير چانڊيو ۽ اصغر چانڊيو سان سندس پراڻي اٽڪٽ هلندڙ آهي

پنج ڏينهن اڳ هو پنهنجي ٻنيءَ ۾ ترن جو لاٻارو ڪري رهيو هو ته ڄاڻايل ماڻهن مبينا طور مٿس حملو ڪري فائرنگ ڪئي

واقعي کانپوءِ انصاف لاءِ هو حد جي ٿاڻي تي پهتو، پر پوليس مبينا طور سندس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو

نوابشاهه(رپورٽر) دادو ضلعي جي ڳوٺ ڀڏاپور جي رهواسي پيرسن الهڏنو چانڊيو نوابشاهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام هنيو آهي ته رستي جي لنگهه تان ڳوٺ جي رهواسين معشوق چانڊيو، نذير چانڊيو ۽ اصغر چانڊيو سان سند/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

سکر: پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف جماعت اسلامي جي سڏ تي شٽر ڊائون هڙتال

جماعت اسلامي پاران گهنٽا گهر چوڪ تي احتجاجي ڪيمپ پڻ قائم ڪئي وئي

احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ احتجاجي سلسلو تيز ڪيو ويندو

سکر(بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) جماعت اسلامي جي مرڪزي سڏ تي سڄي ملڪ جيان سکر ۾ به پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ۽ وڌندڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب22

روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ شر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، عورت سميت 12 ڄڻا زخمي

روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ڳوٺ ماڙي منڊو ديرو ۽ نئين ڳوٺ ۾ پراڻي خوني تڪرار تان شر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو

هڪ عورت سميت ٻنهي ڌرين جا 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا اطلاع تي جهانگڙو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٻنهي ڌرين وچ ۾ هلندڙ جهيڙو

زخمين کي ڪٽائي تعلقه اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جتي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ شر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو،عورت سميت 12 ڄڻا زخمي،اسپتال منتقل،تفصيل موجب روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ڳوٺ ماڙي منڊو دير/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب23

سول ڊفينس جي اهلڪارن کان امڪاني باهه لڳڻ جي حوالي سان فرضي مشقون ڪرايون وڃن: ڪمشنر سکر

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، تعليم، انرجي، پوليس، انفارميشن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

ڪمشنر سکر سمورين سرڪاري ۽ نجي عمارتن ۾ فائر ايڪسٽنگوئشر سلينڊرن جي موجودگي کي لازمي قرار

هن فرضي مشقن کي سمورن اسڪولن ۽ اسپتالن لاءِ لازمي قرار ڏنو، ڪمشنر سکر هدايت

سکر (بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي سکر ڊويزن جي ٽنهي ضلعن جي مارڪيٽن، پلازائن ۽ ڪمرشل عمارتن ۾ امڪاني باهه لڳڻ کان بچاءَ جي سلسلي ۾ فوري احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ لاءِ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

خير محمد پرڳڙي سميت چنڻ جٽڻ جي ايس ايس پي بدين کي ڪوڙي ايف آءِ آر خلاف شفاف جاچ جي اپيل

بدين: (رجب راهمون) خير محمد پرڳڙي سميت چنڻ جٽڻ جي ايس ايس پي بدين کي ڪوڙي ايف آءِ آر خلاف شفاف جاچ جي اپيل اسان خير محمد پرڳڙي، نورخان پرڳڙي، شاهه بيگ پرڳڙي ۽ محمد رمضان پرڳڙي ميڊيا ذريعي ايس ايس پي بدين کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان شريف ۽ ڪاروباري ماڻهو آهيون، اسان خلاف سازش /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪوٽڙي سائيٽ ريتي بجري ٽريڪٽر ٽرالي يونين جي اڳواڻن ڊرائيورن کان ڦرلٽ خلاف احتجاج

يونين اڳواڻن محمد عثمان رند، مورخان جمالي، امجد علي چانڊيو، ساجد علي چانڊيو ۽ محمد خان پريس ڪانفرنس

سائيٽ ٿاڻي جي حد ۾ چانور گودام وٽ هٿياربند ماڻهن پاران ٽريڪٽر ٽرالي ڊرائيورن کان ڦرلٽ روز جو معمول بڻجي وئي آهي

گذريل اٺن مهينن کان لڳاتار وارداتن سبب ڪيترائي ڊرائيور لکين رپين جي روڪ رقم ۽ موبائل فونن کان محروم ٿي چڪا آهن

ڄامشورو(رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ ريتي بجري ٽريڪٽر ٽرالي يونين جي اڳواڻن ڊرائيورن کان ڦرلٽ خلاف احتجاج ڪندي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي. يونين اڳواڻن محمد عثمان رند، مورخان جمالي، امجد علي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ميرپورخاص علائقي جا بااثر مختلف طريقن سان حراسان ڪري زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: گلاب ڀيل

ٿرپارڪر جي علائقي ڪانٽيو واسي گلاب ڀيل ۽ پانچو ڀيل ميرپورخاص پهچي بااثرن جي مبينه زيادتين خلاف صحافين اڳيان احتجاج

مختلف طريقن سان حراسان ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن پوليس بااثرن سان مليل آهي

اسان جي ڪير ب داد فرياد ٻڌڻ وارو ناهي چوپايو مال مري ٿو ت الزام اسان مٿان لڳايو وڃي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص :علائقي جا بااثر مختلف طريقن سان حراسان ڪري زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا اهڙو اظهار ٿرپارڪر جي علائقي ڪانٽيو واسي گلاب ڀيل ۽ پانچو ڀيل ميرپورخاص پهچي بااثرن جي مبينه زيادتين خلاف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ٿرپارڪر جي علائقي ڪانٽيو واسي گلاب ڀيل ۽ پانچو ڀيل ميرپورخاص پهچي بااثرن جي مبينه زيادتين خلاف صحافين اڳيان احتجاج ڪندي

ڪلوئي ۽ ڏيپلو ۾ چورن جو آزار، ٻاڳيا راتيون جاڳڻ تي مجبور

مٺي /ٿرپارڪر :(رپورٽر) ڪلوئي ۽ ڏيپلو تعلقي جي پرپاسي جي ڳوٺن ۾ چوپائي مال جون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ٽنڊوالهيار ۾ شادي تقريب دوران آتشبازي، ٻه ڄڻا گرفتار

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار مقامي پوليس رات جي وقت پناڻن جي شادي جي تقريب دوران روشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر آفيس پاران شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي ۾ موڪ پول سرگرمي جو اهتمام

پروفيسر مدد علي شاهه ۽ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد يوسف مجيداڻو هئا

شعبه تعليم جي ليڪچرار رشيده لطف، شبانه ناز صديقي، مسرور ميمڻ ۽ ٻين استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي

نوابشاهه (رپورٽر) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر آفيس شهيد بينظيرآباد پاران شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي شهيد بينظيرآباد جي شعبه تعليم جي سهڪار سان يونيورسٽي ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين ۾ چونڊ عمل، ووٽ جي استعمال ۽ جمهوري شعور کي اجاگر ڪرڻ لاءِ موڪ پول (Mock Poll)سرگرمي منعقد ڪئي وئي. تقريب جا خاص مهمان يونيورسٽي جو وائيس چانسلر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ميرپورخاص ۾ 8 مهينن کان استاد غير حاضر، شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، ڊي او خلاف نعريبازي

ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ ڊي او نبي بخش گرگيز خلاف سخت نعريبازي ڪئي

احتجاج جي اڳواڻي هنگورنو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين رخسانه شر ۽ عبدالحميد شر اسڪول جي شاگردن ڪئي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ۾ 8 مهينن کان استاد غير حاضر، شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، ڊي او خلاف نعريبازي ميرپورخاص: تعلقي سنڌڙي جي هنگورنو ۾ قائم گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي الهيار شر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31